ماهوار

# سُهڻي

آڪٽوبر ۸۹




هن پرچي ۾

ڊاڪٽر اسماعيل اديجي
۽ علي حيدر شاهه
**سان ڪالهه ٻولهه**

ممتاز علي پٿي، ماهتاب محبوب
شمشير الحيدري
۽ مصطفيٰ قريشي
**جون رنگين تصويرون**

**ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾**
**(سفرنامو)**

بشير مورياڻي، بيدل مسرور
جهان آرا سومرو
۽ ممتاز مرزا
**جون لکڻيون**

۽ مستقل ڪالم

# SHAH LATIF TOWN

## شاه لطيف ٽاؤن

روز مره زندگيءَ جي
سڀني ضروري آسائشي ۽ سهولتن سان
سينگاريل ۽ سنواريل هڪ جديد ۽ مڪمل
رهائشي اسڪيم آهي، جيڪو حيدرآباد جي وچ ۾
(١١٠ فٽ ويڪري رستي، آٽوڀان روڊ تي، فتح چوڪ جي
ڀرسان آهي.

Gul Hayat Institute

sored By:

**delta builders** & Developers

**NEAR CAFE GEORGE, RISALA ROAD, HYDERABAD PHONE: 20228**

## ممتاز علي پٺاڻ جي رنگين تصوير
(وچان صفحا)

## برڪ ليڪڪ شمشير الحيدري جي رنگين تصوير
(وچان صفحا)

## سنڌي سپر اسٽار مصطفيٰ قريشي جو انٽرويو ۽ رنگين تصوير
(صفحا 88-86)


| | |
|---|---|
| **آرسي** | برڪ ليڪڪا ماهتاب محبوب کان پڇيل سوالن جا دلچسپ جواب ۽ سندس رنگين تصوير (صفحو 45) |
| **ڪهاڻيون** | جهان آرا سومرو جي ١٦ سالن کان پوءِ لکيل ڪهاڻي ۽ خادم ٻگهئي جي ڪهاڻي (صفحو 62 - 46) |
| **مضمون** | 'وساريان نه وسرن' ممتاز مرزا جي شاندار مضمون جي پنجين قسط (صفحو 64 - 63) |
| **وليد اخلاصي** | بين الاقوامي ادب ۾ شام جي مشهور ڪهاڻيڪار تي مضمون، جنهن جو بشير موريائي ترجمو ڪيو (68-65) |
| **سيمفوني** | بيدل مسرور جي نواڻ (صفحو 70 - 69) |
| **شعر** | (صفحو 74 - 71) |
| **نوان ڪتاب** | مارڪيٽ ۾ آيل نوان سنڌي ڪتاب (صفحو 75) |
| **پڙهندڙن جا خط** | پڙهندڙن جا ڪارائتا تنقيدي خط (صفحو 79 - 76) |
| **ٽي وي ۽ فلم** | ٽي وي جي نڪور چاڻ، ڊرامن تي تبصرا بمبئي فلمي دنيا جي سير، وڊيو تي آيل نئين فلمن ۽ سنڌي سپر اسٽار مصطفيٰ قريشيءَ سان ڳالهه ٻولهه (صفحو 88 - 80) |
| **ڪونيشن** | موڪليندڙ: فياض احمد سومرو، |


نريش ڪيسواڻي
ٽائيٽل: علي عباس زيدي
مهتاب محبوب جي تصوير: مرشد
مصطفيٰ قريشيءَ جي تصوير: مقصود ميمڻ
ممتاز علي پٺاڻ جي تصوير: بمبئي فوٽو اسٽوڊيو. حيدرآباد.
ڊاڪٽر اسماعيل اديجي ۽ علي حيدر شاهه جون تصويرون: دانيال شاهه
لي آئوٽ ۽ ڪلر پيج جي سيٽنگ: دانيال شاهه

Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute

PID (Islamabad)

manhattan *International*

# چهنڊ ڇيون




**خبر**

سائين جي ايم سيد گرفتاري
کان بچڻ خاطر سنڌ جي
سرحد اورانگهي پنجاب ۾
داخل ٿي ويو.

لفڙن جو هي نگر
بند آهي مسجد جو در
چو ٿيون دربدر
هل ته کنهن ميکدي ۾ هلون

امداد حسيني

---

**خبر** - شيخ اياز لنڊن مان دل جي تپاس ڪرائي وطن واپس پهتو



Gul Hayat Institute

پيو ڪئُن نباهيان، توسان مان پيڙائتا
وانجهيءَ وانگر ونجه ٿو سارا هلايان
تولاءِ سهسين سيرم گيت پيو ڳايان
ور ور ٻڌايان، توکي پتا پار جا.

- اياز

سلامي ڏني وئي. اها خبر شايع ڪندڙ اخبارن بهرحال اهو اطلاع نه ڏنو ته جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي اهي توپون جنرل اسلم بيگ ڏنيون يا ٻئي ڪنهن جنرل ڏنيون. ان مان ئي سموري پروپئگنڊا جو ڪوڙ پڌرو ٿي پوي ٿو. حد ته اها آهي ته اها خبر شايع ڪندڙ اخبار، اڄ ڏينهن تائين ان خبر جي ترديد ڪرڻ به مناسب نه سمجهي آهي. انتهائي شرمناڪ ڳالهه اها آهي ته قومي اسيمبليءَ جي ڪجهه ميمبرن ان خبر کي بنياد بنائي، ان ڳالهه جي مذمت ڪئي ته سڪر جي هوائي اڏي تي سائين جي- ايم- سيد کي توپن جي سلامي ڏني وئي. جنهن اسيمبليءَ جا ميمبر اهڙي ڳالهه ڪري سگهن ٿا، انهن جي اهليت ۽ قابليت بابت وڌيڪ ڇا چئي سگهجي ٿو؟ ڇا سنڌ خلاف بغض جو پارو ان حد تائين چڙهي ويو آهي، جو عقل ۽ شرافت پنهنجيون اکيون ڪڏائي ڇڏيون آهن؟ ۽ هاڻ سنڌ کي گونگن، ٻوڙن ۽ انڌن اسيمبلي ميمبرن آڏو پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻو پوندو؟

اخبارن ۾ اها خبر ڇا آئي، جڻ ماکي جي ماناري کي ڪنهن ڇيڙي ڇڏيو، ۽ هر ڏيڏگر اٿيو تيرن ۽ ترارن سان ليس ٿي، سنڌ تي وار ڪرڻ لاءِ حرڪت ۾ اچي ويو. سڀ کان وڏا ٻُل ۽ ٽپ 'مهاجرن' جو 'چڱو مڙس'، الطاف حسين ڏيندو نظر آيو. ۽ 'جهنڊو ساڙيندڙن ۽ لاهيندڙن جي آڙ ۾ سنڌي قوم خلاف جهاد جو اعلان ڪندي، سنڌ دشمن شاونزم ۾ ايترو اڳيان نڪري ويو، جو مطالبو ڪيائين ته جن اهو ڪم ڪيو، تن کي اتي جو اتي گوليون هڻي ماريو ڇو نه ويو. ان الزام جي آڙ وٺي الطاف حيسن ڪراچيءَ ۾ ڪفن پوش ڪارڪنن جي هڪ جلوس کي هڪ کلئي ميدان تي خطاب ڪيو. ان ڳالهه تي اسين ٻئي ڪنهن وقت راءِ زني ڪنداسين، ته ڪفن پوش جٿن واري الطاف حيسن جي اها ڌمڪي ڪنهن کي ۽ سياست کي ڪهڙي انتها ڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿي؟ سنڌ جي خلاف پيدا ڪيل ان لڙ ۾ جماعت اسلامي جي پروفيسر غفور کي به موقعو مليو ۽ پنهنجا ڪارڪن وٺي اچي ريگل چوڪ ڪراچيءَ وٽ مظاهرو ڪيائين. جي يو پي هڪ وڏي عرصي جي گمناميءَ کان پوءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي رستن تي نظر آئي. پنجاب سان تعلق رکندڙ آءِ-جي-آءِ وارن اسان جي 'مهربانن' جي بيگهي مچي وئي آئي ۽ هنن سڪر جي هوائي اڏي تي پاڪستان جو جهنڊو لاهڻ ۽ سائين جي- ايم- سيد طرفان نئين نئين ۽ وڌيڪ زوردار انداز ۾ سنڌ کي آزاد ڪرائي، سنڌوديش بنائڻ جي پربور مهم شروع ڪرڻ واري اعلان جو بهانو بنائي، نه فقط سنڌي قوم تي آفت نازل ڪرڻ، پر تازو ملڪ ۾ بحال ٿيل انڌي منڌي جمهوريت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، فوجي آمريت مڙهڻ جو هڪ 'مضبوط ڪيس' تيار ڪيو. ۽ پي پي حڪومت تي هر طرف کان اهو دٻاءُ پوڻ لڳو، ته فوري طور سائين جي- ايم- سيد کي گرفتار ڪيو وڃي، نه ته ائين سمجهيو ويندو ته اهو سڀ ڪجهه پي پي پئي ڪرائي. اهڙيءَ طرح هڪ ماحول تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته جيڪڏهن پي پي حڪومت ائين نه ڪري ته پوءِ پي پي حڪومت ۽ جمهوريت کي ئي ختم ڪيو وڃي. پي پي حڪومت لاءِ هڪ

> قومي پريس اهي پڻ
> اطلاع شايع ڪيا. ته
> سائين جي- ايم- سيد
> کي ڪيترين توپن جي
> سلامي ڏني وئي.

اهڙي صورتحال پيدا ڪئي وئي، جو هن لاءِ هڪ طرف باهه هئي ته ٻئي طرف پاڻي هو. جيڪڏهن ڪو سخت قدم نه ٿي کڻي، ته خود پي پي حڪومت تي ڇنڊا ٿا پون. ۽ ان جي آڙ وٺي ڪو طالع آزما سموري جمهوري عمل کي 'ڪڪ آئوٽ' ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن دٻاءُ ۾ اچي سائين جي- ايم- سيد کي گرفتار ٿي ڪري، ته ڪيترن سياسي يتيمن، سياسي مهم جوئن، دشمنن ۽ جمهوريت دشمنن جي آرزو پوري ٿي ٿئي، ۽ سڀ کان وڏو خطرو اهو ته سنڌ ۾ اندر جي صورتحال تمام خراب پيدا ٿي سگهي ٿي.

جڏهن وزير اعظم بينظير ڀٽو بنگلاديش جو دورو ختم ڪري واپس پاڪستان پهتي، ته اسلام اباد جي هوائي اڏي تي ٿيل اخباري ڪانفرنس ۾، اخباري نمائندن هر طرف کان سکرواري واقعي ۽ بهارين جي مسئلي بابت مٿس سوالن جي بارش ڪئي. پر وزيراعظم چڱو خاصو هوم ورڪ ڪري آئي هئي. هن انهن مسئلن کي انتهائي سمجهداري ۽ ڊپلوميسيءَ سان هٿنڊل ڪيو. ۽ ڪوبه انتها پسندي وارو قدم کڻڻ وارو اعلان ڪرڻ کان پرهيز ڪيو. ساڳئي ڏينهن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ آءِ- جي- آءِ جي ميمبرن حڪومت تي دٻاءُ وڌائي ڇڏيو، ته فوري طور ڪو انتهائي قدم کنيو وڃي، نه ته پاڪستان ٽڪر ٽڪر ٿي پوندو. هڪ طرف آءِ-جي-آءِ جا ميمبر حڪومت تي دٻاءُ وڌائيندا ويا، ته ٻئي طرف سائين جي- ايم- سيد سندس اپر سنڌ جي دوري ۾ تقريرن دوران سنڌوديش ناهڻ وارو اعلان ڪرڻ واري ڌم لڳايو آيو. انهيءَ صورتحال تي ٻئي ڏينهن وفاقي وزارت جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ وزير اعظم اعلان ڪيو ته جهنڊو لاهڻ وارن کي نه بخشيو ويندو. پر وري به تڙ تڪڙ ۾ حڪومت انتهائي قدم کڻڻ جو اهڙو فيصلو نه ڪيو، جنهن لاءِ آءِ- جي- آءِ دٻاءُ وجهي رهي هئي، ۽ سنڌ جا ڪجهه مهربان ۽ سنڌ جا 'دوست نما دشمن' ان سلسلي ۾ آسون ۽ اميدون لڳيو ويٺا هئا. ان ڳالهه جي معتانه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي ته، ان سموري مسئلي تي قومي اسيمبليءَ ۾ پي پي ميمبرن انتهائي دانشمندانه ۽ سمجهداري وارو رويو اختيار ڪيو. حالانڪ ان کان اڳ پي پي ميمبرن جي روش مان ان ڳالهه جي توقع ڪنهن کي به نه هئي. پر هن ڀيري پي پي ميمبرن جن ۾ نه فقط سنڌ، پر پنجاب سان تعلق رکندڙ ملڪ عارف اعوان ۽ سنڌ سان تعلق رکندڙ قومي اسيمبلي جا ميمبر پڻ هئا، تن پنهنجو پاڻ ملهايو. پهرين ڏينهن پنجاب سان تعلق رکندڙ حاڪم علي زرداري تقريرون ڪري آءِ- جي- آءِ جي ميمبرن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو، ۽ ٻئي ڏينهن پنجاب مان پي پي جي هڪ خاتون ميمبر ۽ سنڌ مان مخدوم خليق الزمان ۽ مملڪتي وزير سيد ظفرعلي شاهه ۽ بيگم اين ڊي خان پنهنجن تقريرن ۾ سنڌي قوم جو دفاع ڪيو ۽ آءِ- جي- آءِ کي ڏوهاري قرار ڏنو. ماڻهن

Gul Hayat Institute

ڪي اميد هئي تہ سيد قربان علي شاهہ پنهنجو پاڻ خوب نڀائيندو، ڇو تہ هڪ تہ هو عملي طور پي پي جي ڊسيپلين ڪان پاڻ ڪي ڪافي حد تائين آزاد ڪرائي چڪو آهي، ۽ ٻيو تہ بقول سندس، هن جا پي پي حڪومت سان اختلاف، سنڌ بابت پي پي جي پاليسي جي ڪري آهن. ان ڪري اميد هئي تہ قربان علي شاهہ سنڌ خلاف ٿيندڙ يلغار جو مضبوطيءَ سان مقابلو ڪندو. پر شاهہ صاحب خبر نہ آهي ڇو ان مسئلي تي مڇ ٻہ ڪانہ ڇنڊي. سينيٽ ۾ حسب معمول اعجاز جتوئي سنڌ جو محاذ سنڀاليو. پر هن ٻيري ٻيا سنڌي سينيٽر، خاص طور ميرهزارخان بجارائي خبر نہ آهي ڇو خاموش رهيو.

انهيءَ دوران سنڌ ۾ جيئي سنڌ جي ترجمان طرفان عرفان مهديءَ جو بيان شايع ٿيو، جنهن مطابق هن جهنڊي لاهڻ واري واقعي ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جي ملوث هئڻ جي ترديد ڪئي. اهڙيءَ طرح هن جيئي سنڌ پاران ان سموري واقعي کي Disown ڪيو ۽ الزام لڳايو تہ جهنڊو پيپلزپارٽيءَ جي ڪارڪنن لاٿو آهي. هوڏانهن آءِ - جي - آءِ وارا بہ هاڻ سڌو سنئون الزام پي پي تي هڻڻ لڳا تہ ان واقعي ۾ پي پي جي ڪارڪنن جو هٿ آهي. اهڙيءَ طرح آءِ - جي - آءِ ۽ جيئي سنڌ جي موقف ۾ اهو پهلو ساڳيو جهلڪڻ لڳو. آءِ - جي - آءِ جي ان دٻاءَ ۾ جيئن پوءِ تيئن تيزي ايندي وئي، ڇاڪاڻ تہ ٥ - آڪٽوبر ويجهي اچڻ لڳي. جهن ڏينهن لاهور ۾ پي پي جو عام جلسو هو، جنهن کي ٻين سان گڏ سيد قائم علي شاهہ ۽ آفتاب احمد خان شير پاؤ کي خطاب ڪرڻو هو. هاڻ اهي انومان ٿيڻ لڳا يا تہ پي پي اهو جلسو ملتوي ڪندي يا پي پي ان جلسي ڪان اڳ ئي ٿي سگهي ٿو تہ ڪو انتهائي قدم کڻي. پر ان ڳالهہ تي سيني کي حيرت ٿي، تہ نہ فقط پي پي پنهنجي 'محتاط' پاليسي برقرار رکي ۽ ڪو انتها پسنديءَ وارو قدم نہ کنيو، پر نہ فقط جلسو ڪيو، ۽ ڌوم ڌام سان ڪيو، پر جلسي ۾ ڪيل تقريرن دوران ڪو دفاعي رويو اختيار ڪرڻ بدران، ٻہ قدم اڳتي وڌي، ان سموري واقعي جو زميدار آءِ - جي - آءِ، جنرل ضيا واري دور ۾ پنجاب جي موجوده حڪومت جي شاونزم واري روئي کي

قرار ڏنو، ۽ اعلان ڪيو ويو تہ ان معاملي کي سياسي طريقن سان هٿنڊل ڪيو ويندو پيپلز پارٽي جي حڪومت جي پاليسيءَ ۾ اها هڪ مثبت تبديلي آئي آهي. هن ڪان اڳ سموري قومي پريس ۽ مڙني 'اصل تي وڌي' نظريہ پاڪستان جي چئمپين تعليم واري وفاقي وزير سيد غلام مصطفيٰ شاهہ خلاف پروپئگنڊا جو هڪ طوفان ڪڙو ڪري، حڪومت تي اهو دٻاءُ وڌو تہ شاهہ صاحب کي وفاقي وزارت مان ڪڍيو وڃي. پر بينظير ڀٽو ان دٻاءُ کي ذرو بہ وزن نہ ڏنو. ان ڪان پوءِ، هينئر جهنڊو لاهڻ واري واقعي کي بهانو بنائي، پي پي حڪومت تي ڀرپور دٻاءُ وڌو ويو، تہ سائين جي - ايم - سيد کي گرفتار ڪيو وڃي. ان دٻاءَ ۾ وزن پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾، خود سائين جي - ايم - سيد بہ پنهنجي پاران ڪا ڪسر نہ ڇڏي. ۽ پي پي حڪومت آخرڪار ان ناٽڪي دٻاءُ آڏو جهڪي

> سنڌ مان مخدوم خليق الزمان
> ۽ مملڪتي وزير سيد ظفرعلي
> شاهہ ۽ بيگم اين جي مان
> پنهنجن تقريرن ۾
> سنڌي قوم جو
> دفاع ڪيو

۽ اها هڪ اهڙي غلطي ۽ بدنصيبي آهي، جنهن جي قيمت نہ فقط پي پي حڪومت، پر شايد خود سڄي سنڌ کي ادا ڪرڻي پوي. بهرحال، اهڙي ڪنهن خراب ۽ هاڃيڪار صورتحال ڪان بچڻ جي ذميداري جتي پي پي حڪومت تي عائد ٿئي ٿي، اتي ان جوابداري ڪان خود سائين جي - ايم - سيد بہ بچي نہ ٿي سگهيو.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ جهنڊي لاهڻ واري واقعي بابت آءِ - جي - آءِ توڙي ايم - ڪيو - ايم طرفان ظاهر ڪيل انتهائي نوعيت واري ردعمل جو ڪهڙو ۽ ڪيترو جواز آهي. ان ڳالهہ جو پڻ جائزو وٺڻو ضرور ٿي پيو آهي، تہ سنڌو ديش واري نعري کي عملي طور نظرياتي

طور معطل رکڻ ڪان پوءِ، اوچتوئي اوچتو سائين جي - ايم - سيد طرفان سنڌو ديش واري ڀرپور مهم شروع ڪرڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟

اول تہ تازه ترين اخباري رپورٽن جي روشنيءَ ۾ جهنڊو لاهڻ وارو واقعو جنهن تي 'قومي پريس' توڙي ڪن مخصوص لابين آسمان مٿي تي کڻي ڏنو، سو خود متنازعہ بنجي پيو آهي. چيو ويو آهي تہ پاڪستان جي جهنڊي کي ساڙيو ويو هو. پر بعد جي اطلاعن مان پتو ٿو پوي تہ ان ڳالهہ جو ڪو بہ ثبوت نہ آهي تہ، ڪو ڪنهن جهنڊي کي ساڙيو هو. البت، اهي اطلاع آهن تہ پاڪستان جي جهنڊي کي لاهي، ان جي جاءِ تي جيئي سنڌ جو جهنڊو چاڙهيو ويو. ان ڪان سواءِ جيئي سنڌ وارن ان ڳالهہ جي ترديد ڪئي، تہ ڪو ان واقعي ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جو هٿ آهي، هنن الزام هنيو آهي تہ اهو ڪم پي پي جي ڪارڪنن ڪيو آهي، تہ جيئي سنڌ وارن کي بدنام ڪري سگهجي. خود آءِ - جي - آءِ جي چڱي مڙس جناب غلام مصطفي جتوئي پڻ، جيئي سنڌ جي ان الزام جي تائيد ڪئي آهي، تہ اهو ڪم پي پي جي ڪارڪنن ڪيو آهي. قومي اسيمبلي جي ميمبر جناب مخدوم خليق الزمان خيال ڏيکاريو آهي، تہ ٿي سگهي ٿو تہ جهنڊي لاهڻ واري سموري ڪارستاني آءِ - جي - آءِ وارن جي هجي، تہ جيئن هڪ ڌڪ سان ٻہ شڪار ڪري سگهجن. يعني تہ نہ فقط جيئي سنڌ ۽ سڄي سنڌي قوم کي ٻوهي ۾ وجهڻ جو جواز ملي سگهي، بلڪ ٻئي طرف حڪومت کي اثرائتي نموني ڪارنر ڪري، ڪيس هڪ مشڪل صورتحال ۾ ڦاسائي سگهجي، انهن رپورٽن مان ڪهڙي رپورٽ درست اهي، سو تہ فقط ڪنهن غير جانبدارانہ تحقيقات ڪان پوءِ ئي ثابت ٿي سگهي ٿو. بهرحال، في الحال اها ڳالهہ ثابت ٿي، تہ اها ڳالهہ متنازعہ آهي تہ ان واقعي ۾ ڪهڙي ڌر جو هٿ آهي.

جيڪڏهن اهو ثابت بہ ٿي وڃي تہ اهو ڪم جيئي سنڌ وارن ڪيو هو، تہ بہ ان تي هن مرحلي تي آءِ - جي - آءِ جي ايڏي هاءِ گهوڙا سمجهہ ۾ اچڻ ڪان مٿي آهي. ڇو تہ جيئي سنڌ تي اهي الزام ڦهريون ڦيرو ڪونہ لڳا آهن. خاص طور تي جنرل ضيا جي مارشل لا واري عرصي

Gul Hayat Institute

سوال: تازو آمريڪا ۾ هڪ آمريڪي، آمريڪي جهنڊي کي ڦاڙي ساڙي ڇڏيو. آمريڪا جي ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ ـ جهنڊو ڦاڙڻ ۽ ساڙڻ حڪومت جي خلاف ڪاوڙ جو هڪ ردعمل هو، ۽ ردعمل اظهار ڪرڻ ڏوهہ ڪونهي. ڇا ساڳي ڳالهہ هتي لاڳو نٿي ٿي سگهي.

اُڍيجو: آمريڪا ۾ جمهوري مزاج رکندڙ ماڻهو بہ آهن، ۽ اهڙو معاشرو بہ آهي. هُتي عدالتون آزاد آهن. هِتي بہ عدالتون آزاد آهن. هتي بہ عدالتون اهڙو ڪو فيصلو ڏيڻ چاهين تہ ڏيئي سگهن ٿيون. رهي جهنڊي ساڙڻ جي ڳالهہ، تہ اڄ جيڪي جهنڊي ساڙڻ تي احتجاج ڪن پيا، انهن پاڻ بہ جهنڊا ساڙيا هئا. دراصل هتي سياست ۾ منافقي آهي. ون يونٽ جي دؤر ۾، جڏهن اسانجو نوجوان شعوري طور ۾ داخل ٿيڻ وارو هو، تڏهن ٻڌايو ويو تہ پنجابي ڏاڍا خراب اٿوءِ، مهاجر چڱا اٿو انهن سان گڏ هلو. وري چيائون نہ، مهاجر خراب اٿوءِ، پنجابي



چڱا اٿوءِ، ڇاڪاڻ تہ اها قوم آهي، تنهنڪري انهن سان ناهہ ڪيو. ولي خان جي نيشنل عوامي پارٽي هئي، جنهن چيو چار قومون آهن، چار زبانون سرڪاري هئڻ گهرجن. پر جڏهن پيپلس پارٽي، سنڌ ۾، سنڌي سرڪاري زبان ڪئي تہ فقط پيپلس پارٽيءَ کي نقصان رسائڻ لاءِ، بزنجي صاحب جهڙي ۽ عطاالله مينگل جهڙي روشن خيال ماڻهن، بلوچستان ۾ سرڪاري زبان اردو رائج ڪئي. پير صاحب پاڳاري جو والد سامراج جي خلاف وڙهيو، پر پيرصاحب سامراج جو حامي آهي. جڏهن انگريز ويو ٿي، تڏهن سنڌ کي الڳ ملڪ هئڻ گهرجي ها، اهڙي گهر ڪجي ها. پر انهيءَ وقت سيد پاڪستان لاءِ سنڌ اسيمبليءَ مان ريزوليوشن پاس ڪرايو. پهريون ڌڪ تہ سنڌ کي اُتان لڳو. هاڻي ولي خان کي ڏسو، جيڪا ترقي پسندن جي اڳيان قداور شخصيت هئي، هن وڃي نواز شريف سان ناهہ ڪيو. ۱۹۷۷ ۾ سنڌي ماڻهو مسجد مان نڪري چون لڳا تہ سوشلزم کپي. ۽ مهاجر شراب خاني مان نڪري چوڻ لڳا تہ اسلام گهرجي. هتي سڄي سياست ئي اهڙي آهي. ڀلا ڪهڙي ضرورت پئي هئي، بسون

## جيڪي جهنڊي ساڙڻ تي احتجاج ڪن پيا، انهن پاڻ بہ جهنڊا ساڙيا هئا.

پرائي، حيدر آباد جي ميئر تي حملي ڪرڻ جي.

سوال: ڪراچيءَ ۾ هڪ طئي ٿيل پاليسي هئي تہ داخلائون ٦٠ سيڪڙو ڳوٺاڻي آباديءَ کي ۽ ۴۰ سيڪڙو ڪراچي جي شهري آباديءَ کي ڏبيون. پر اوهانجي حڪومت ايم ـ ڪيو ـ ايم جي مطالبي تي شهرين کي ٦٠ سيڪڙو ۽ ديهي آبادي کي ۴۰ سيڪڙو ڪري ڇڏيو. تعليم جي مرڪزي وزير سيد غلام مصطفي شاهہ بہ چيو تہ ائين نہ ٿيڻ گهرجي ها.

اُڍيجو: اهڙي ڪا پاليسي ڪانهي، شايد غلط فهمي ٿي هوندي. البت دائود انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپل اهڙي حرڪت ڪري، ريشو ڦيرايو هو، سو بہ مارشل لا جي دؤر ۾. انهيءَ تي اسين نظرثاني ڪري رهيا آهيون. باقي جيڪو جنهن بورڊ مان نڪري ٿو، سکر سيڪنڊري

## جهنڊو ساڙيو نہ بلڪ لاٿو ويو هو. اردو اخبارون غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي رهيون آهن

بورڊ، يا حيدر آباد، تہ اُتي جي شاگردن کي اُتي داخلا ملي ٿي. ڪراچيءَ جي پيٽ ۾، حيدر آباد يا سکر جي شاگردن کي پاڻ آساني سان سنڌن ڪاليج يا يونيورسٽين ۾ داخلائون ملن ٿيون.

سوال: اوهان هينئر چيو تہ ميئر تي حملي ڪرڻ لاءِ سنڌي شاگرد بسون ڀري آيا. سنڌي شاگرد، ٿيو يہ ڪن بسن ۾ حيدر آباد ميونسپل وٽان لنگهيا هئا. انهن وٽ جيڪڏهن هٿيار هجن ها تہ اوهان سمجهو ٿا تہ حيدر آباد ميونسپل کي اُڏائي نہ ڇڏين ها. انهن بسن ۾ تمام گهٽيون سنڌي شاگرديائيون بہ هيون. ڇا سنڌي ماڻهو نياڻيون ساڻ ڪري اهڙو ڪم ڪندا. انهيءَ واقعي کان ڏهہ ڏينهن اڳ مون مضمون لکيو هو تہ حيدر آباد ۾ جلد فساد ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ ميئر روز اهڙا بيان ڏناتي، جنهن سان فساد ٿيڻ لازمي هو.

اُڍيجو: منهنجو مقصد اهو ڪونهي تہ بسن ۾ چڙهي ميئر تي حملو ڪرڻ ويا

## جڏهن انگريز ويو ٿي، تڏهن سنڌ کي الڳ ملڪ هئڻ گهرجي ها. اهڙي گهر ڪجي ها. پر انهيءَ وقت سيد پاڪستان لاءِ سنڌ اسيمبليءَ مان ريزوليوشن پاس ڪرايو

Gul Hayat Institute

رهيا آهيون ته سرڪاري عمارتون يا سرڪاري ٽيڻن کي استعمال نه ڪيو وڃي. ڪوشش آهي ته سيني ڌرين کي انهيءَ تي آماده ڪريون. جمهوريت جو طريقو تہ اِهو آهي ته ٻئي جو نعرو ٻڌجي، پر هتي بدقسمتيءَ سان ٻئي جي دل آزاري ڪئي ٿي وڃي. شهرن ۾ الطاف جي سياست آهي ته هي به نه ڪپن، هي به نه ڪپن. اِها سڀ فرسٽيشن آهي. شهري نوجوانن نيگيٽو اصول قبول ڪيو آهي، ۽ ٻهراڙيءَ جي نوجوان سياسي تحريڪن ڪري، حقيقي سياسي دشوارين ۽ حقيقي معاشي دشوارين، انهن ۾ ڀرپور رول ادا ڪيو. انهيءَ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي جدوجهد جو وڏو هٿ هو. ١٩٧٧ کان پوءِ سنڌ جي نوجوان وڏو ڪم ڪيو آهي، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي جاگيرداري علامت، غلام مصطفي جتوئي کي سياسي طرح چيري ڦاڙي اُڇلائي ڇڏيو آهي.

سوال: ٨٣ واري جيڪا تحريڪ هئي، اُها شروع ته پيپلس پارٽي ڪئي. پر ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾، سنڌ ۾ تمام گهڻي شدت آئي. اِها سنڌين جي



احساس محرومي ۽ فوجين جي زيادتين جي ڪري آئي، يا پيپلس پارٽي، ۽ ڀٽي صاحب سان محبت جي ڪري.

اُديجو: ٻئي فيڪٽر آهن. پر وڏو فيڪٽر ذوالفقار علي ڀٽي جو آهي. ڇاڪاڻ ته هن سنڌي ماڻهن ۾ سجاڳي آندي. نه ته ورهاڱي کان اڳ يا پوءِ به سنڌي ميمبر اسيمبلين ۾ سٽاپيا هوندا هئا. سمن ۽ سومرن کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌي ماڻهن سمجهيو تي ته اِها اسانجي حڪومت آهي، ۽ جڏهن ڀٽي صاحب کي لاٿو ويو ته سنڌي ماڻهن محسوس ڪيو ته حڪومت ڏنڊي جي ذريعي ڦري ويئي آهي. معاشي طرح سان سنڌي ماڻهو مشڪلن ۾ اڳ ئي هو، ڀٽي صاحب کان پوءِ سنڌين جو وڌيڪ استحصال ڪيو ويو. ۽ جڏهن فوج آئي ته هنن هر سنڌي ماڻهوءَ کي ذوالفقار علي ڀٽي جو سوٽ سمجهي لٽيون هنيون. باوجود انهيءَ جي ته سيد جا ضيا سان سٺا تعلقات هئا، پر هيٺيون ماڻهو ضيا سان نفرت ڪندو هو. انهيءَ جو مثال ١٩٨٥ ۾ مير علي احمد جو

## سنڌ جي وڏي ۾ وڏي جاگيرداري علامت،

## غلام مصطفي جتوئي کي سياسي طرح

## چيري ڦاڙي اُڇلائي ڇڏيو آهي.

اليڪشن ۾ هارائڻ آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهن چيو ته ڇا به ٿي پوي هن ماڻهوءَ کي ووٽ ڏيڻو ناهي. عام سنڌي ماڻهو لاءِ ضيا نفرت جو هڪ سمبل هو.

ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت، سنڌين کان حڪومت ڦرڻ، سنڌين جا معاشي حالات ـ اهي سڀئي ڪارڻ هئا، جن جي ڪري سنڌ ۾ تحريڪ ۾ شدت پئدا ٿي.

سوال: بجٽ اجلاس ۾ اوهان سنڌيءَ ۾ تقرير ڪئي. اِهو اوهان هڪ چڱو ڪم ڪيو.

اُديجو: سنڌي منهنجي ٻولي آهي. مان سمجهان ٿو ته ورهاڱي کان اڳ به سنڌيءَ ۾ ڪن تقريرون ڪيون هوندون. يا ممتاز ڀٽو صاحب وڏو قوم پرست آهي، اُهو سنڌ جي سياست جو مالڪ هو، انهيءَ به

## سمن ۽ سومرن کان پوءِ پهريون ڀيرو

## سنڌي ماڻهن سمجهيو ٿي ته اِها

## اسانجي حڪومت آهي

سنڌيءَ ۾ تقرير ڪئي هوندي، يا جي ـ ايم ـ سيد. بهرحال مون اسيمبليءَ جو رڪارڊ ڪونه جانچيو هو. مونکي ته تڏهن خبر پئي جڏهن ايم ـ ڪيو ـ ايم وارن بائيڪاٽ ڪيو. مونکي ڊپٽي اسپيڪر ٻڌايو ته اڳ ۾ ڪنهن به سنڌيءَ ۾ بجيٽ تقرير نه ڪئي آهي. مونکي پاڻ حيرت ٿي ته ايڏا وڏا قومپرست هئا، پر بجٽ تي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪنهن نه ڪئي. بجٽ کان پوءِ ٻي تقرير ۾ مون ڪين چيو ته ـ اِهائي ته اُها ٻولي آهي جنهن ۾ پاڪستان جو ريزوليوشن پاس ٿيو. جنهن تي اڄ اِهو اعتراض آهي ته بجٽ تقرير سنڌيءَ ۾ ڇو ٿي ته، ڪين ١٩٤٧ ۾ اعتراض ڪرڻ گهرجي ها ته اسين انهيءَ ملڪ ۾ ڪونه ويندا سين جنهن ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ ريزوليوشن پاس ٿيو آهي. اسانکي اهڙو پاڪستان ئي نه گهرجي. انهيءَ تي چپ ڪري ويهي رهيا. مون ڪين چيو ته قرآن شريف جو پهريون ترجمو سنڌيءَ ۾ ٿيو هو، پوءِ نعوذبالله قرآن به نه پڙهو. پير مظهر جي ڏاڏي پير الاهي بخش، جيڪو سنڌي هو، هن ڪراچي پاڪستان کي ڏني، ته ڪراچيءَ ۾ به نه رهو، ڇاڪاڻ ته هڪ سنڌي ماڻهوءَ ڏني. نه ڄاڻ ڪيئن هنن اِهي ڳالهيون برداشت ڪيون. نيٺ انهن جو اقبال بدر اٿي بيٺو ۽ چيائين ته "مين الفاظ واپس ليتا هون."

Gul Hayat Institute



انٽرويو

# علي حيدر شاهہ

## ءِ سندس ڪنوار کان انٽرويو

سوال: اوهانکي گرفتار ٿئي گهڻو وقت ٿيو آهي.

شاهہ: ۵ ڊسمبر ۱۹۷۸ تي گرفتار ٿيو هوس. اٽڪل ٻارنهن کن سال ٿي ويا آهن گرفتار ٿئي.

سوال: گرفتاريءَ جو سبب.

شاهہ: نواب شاهہ جي هڪ سنڌي شاگردياڻيءَ سان فوجي زيادتي ڪئي هئي، سنڌ ۾ انهيءَ جي خلاف وڏو ردعمل ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ ڪئي ويئي، جنهن ۾ جساف، سپاف ۽ ٻيون سيئي جماعتون، ڊي-ايس-ايف وغيره شامل ٿيون. جيڪي چادر ۽ چارديواريءَ جا محافظ هئا، اُهي جڏهن اسان جي نياڻين ۾ هٿ وجهن، ته اسانکي احتجاجي جواب ته ڏيڻو هو. سو هڪ تاريخي جلوس مارشل لا ۽ فوجين جي خلاف سنڌي شاگردن ڪڍيو. اسين احتجاج ڪندي حيدر آباد ڏانهن آيا سين پي ته پوليس هن جلوس کي روڪيو، ۽ زبردست فائرنگ ڪئي، ڳوڙها گيس اڇلائي. انهيءَ کان پوءِ فوج آئي، جنهن کي سول انتظاميه جهليو ته هيءُ مشتعل جلوس آهي، اهي فوجين خلاف، مارشل لا جي خلاف، ۽ ڀٽي صاحب جي فائدي ۾ نعرا پيا هڻن، هيڏانهن نه وڃو. پر فوج جلوس ۾ گهڙي ويئي ۽ زبردست فائرنگ ٿي، جنهن ۾ هڪ فوجي نه ڄاڻ ڪنهنجي گوليءَ سان مارجي ويو. جيتوڻيڪ اسان پُرامن طور تي جلوس ڪڍيو هو. جيتوڻيڪ اشو ته شاگردياڻيءَ وارو هو، پر تازو ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏني ويئي هئي. شاگردن ۾ تاءُ هو. ۽ فوجين نٿي چاهيو ته ڀٽي صاحب لاءِ سنڌ ۾ ڪو احتجاج ٿئي. جڏهن ته هُتي ضيا ۽ مارشل لا جي خلاف زبردست نعرا هنيا ويا. پوءِ انهيءَ جي جانچ لاءِ چوڌري ظهور الاهي جيڪو وزير هو، اهو لطيف آباد ۾، شهاب الدين شاهہ جي بنگلي تي آيو. اسانجا ڪجهہ سڄڻ هُتي پهتا ۽ چيائون ته هن واقعي ۾ پيپلز پارٽيءَ جو هٿ آهي، علي حيدر شاهہ ۽ ٻيا انهيءَ ۾ ملوث آهن. تنهنڪري منهنجي گرفتاري عمل ۾ آئي. منهنجي گرفتاريءَ ۾ ڪوڙل

انهيءَ معاهدي مان خوش ناهي. پر پي-پيءَ کي سنڌي عوام ووٽ ڏيئي ڪامياب ڪيو آهي. ظاهر آهي ته هاڻ پيپلس پارٽيءَ جو فرض آهي ته هو هر طرح سنڌي ماڻهن جو خيال رکي. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته مرڪز ۾ پي-پيءَ کي قطعي اڪثريت حاصل ڪانه ٿي، تنهنڪري هنکي ايم-ڪيو-ايم سان معاهدو ڪرڻو پيو، نه ڪري ها ته آءِ-جي-آءِ جي حڪومت ٺهي ها. بهرحال معاهدا ٿيندا به آهن، ٽٽندا به آهن.

سوال: جيل ۾ ٽينشن هر وقت رهندو آهي، پر جڏهن ٽينشن حد کان وڌي ويندو هو ته انهيءَ وقت ڇا ڪندا هئا.

شاهه: ان وقت ورزش ڪندو هوس. مونکي موسيقيءَ جو شوق آهي، پر ريڊيو يا ٽيپ رڪارڊ جي اجازت ڪانه هئي.

سوال: جيل ۾ خوش ڪڏهن ٿيندا هئا.

شاهه: جڏهن ملاقات ايندي هئي. سٺو ڪو دوست ايندو هو ته وڏيڪ خوشي ٿيندي هئي. خاص ڪري ۸۷، ۸۸ ۾ (اشارو ڪري) جڏهن اوهانجي پاڃائي ملڻ ايندي هئي.

سوال: انهيءَ ڳالهه تي اعتراض ڪيو ٿووڃي ته نيشنلسٽ هئڻ جي باوجود اوهان غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

شاهه: شادي هڪ سماجي عمل آهي، جنهنکي پسند ڪبو انهيءَ سان شادي ڪبي. ماڻهو آمريڪا مان به شادي ڪن ٿا، انگلينڊ، چين ۽ جاپان مان به شادي ڪن ٿا. مون جيڪڏهن پنجاب مان شادي ڪئي ته انهيءَ ۾ ڪو ڏوهه ڪونهي. تڏهن ڏوهه سمجهيو وڃي، جڏهن مان ڪنهن جنرل جي، ڪنهن سرمائيدار جي ڌيءَ سان شادي ڪريان ها. جنهن ڪري منهنجي سوچ ۽ سياست تي اثر پوي ها. مون پنهنجي طبقي مان شادي ڪئي آهي. منهنجا ساهرا محنت ڪش آهن.

هن جو مامو ڪنهن معمولي واقعي ۾ جيل ۾ هو. منهنجي هن سان دوستي ٿي. هن جا مائٽ پنجاب جي جيلن ۾ چار سال تائين منهنجي خدمت ڪندا رهيا. منهنجي سهري مونکي پنهنجو پٽ ڪيو هو.

سوال: اوهان پاڃائيءَ کي ڪٿي ڏٺو ۽ پسند ڪيو، ۽ شادي ڪيئن ٿي.

شاهه: هن جا مائٽ مون سان جيل ۾ ملڻ ايندا هئا. هنجو مامو مون سان هو، هيءَ به هڪ ٻه ڀيرا هُتي آئي هئي. هنجو پيءُ منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو هو، تنهنڪري هن سڱ مونکي ڏنو. ۽ چيائين جڏهن به تون آزاد ٿين، هيءَ تنهنجي امانت آهي. ظاهر آهي ضيا جي دؤر ۾ ته نه آزادي ملي ها، نه شادي ٿئي ها. ضيا جي مرڻ کان پوءِ مونکي ٽن ڏينهن لاءِ جيل مان پيرول تي آزاد ڪيو ويو، تڏهن مون شادي ڪئي.

(علي حيدر شاهه کان اجازت وٺي، مون سامهون ڳاڙهي وڳي ۾ ويٺل سندس ڪنوار کان به ٽي سوال ڪيا)



جيڪڏهن پنجاب مان شادي ڪئي ته انهيءَ ۾ ڪو ڏوهه ڪونهي

سوال: جڏهن اوهان کي خبر هئي ته هنکي عمر قيد جي سزا لڳل آهي، پوءِ اوهان اِها شادي ڪيئن قبول ڪئي.

ڪنوار: اِها ته مونکي خبر هئي ته هن کي ۲۵ سال جي سزا لڳل آهي. پر جڏهن گهر وارن هن سان زبان ڪري ڇڏي ته پوءِ بس...

سوال: اوهانجي پنهنجي مرضي شامل نه هئي.

ڪنوار: منهنجي مرضي شامل هئي.

سوال: ڪڏهن اوهانکي اهو احساس ٿيو ته هن سان اوهانجي شادي ٿيڻ نه گهرجي ها.

ڪنوار: نه. اهڙو احساس ڪڏهن نه ٿيو.

سوال: هيءُ ته هينئر به قيد آهي. اوهان به هن سان، انهيءَ ڪمري ۾ آهيو، بور ٿيو ٿا ته ڇا ٿا ڪريو.

ڪنوار: ڪجهه به نه. بس ڪو رسالو يا ڪتاب پڙهندي آهيان.

سوال: هاڻ هتي ئي رهڻ گهرو ٿا. يا پنجاب جو ارادو آهي.

ڪنوار: نه اِتي ئي رهنديس.

◉ اهو سچ آهي ته موجوده دؤر ۾ شاعريءَ کي وڏو ڌڪ لڳو آهي. پر اِهو ڌڪ انهيءَ ڪري نه لڳو آهي ته ملڪ ۾ ٽيليويزن اچي ويئي آهي. پر انهيءَ ڪري لڳو آهي ته خود شاعري مزو ڇڏي ويئي آهي.

-آئزڪ بشستوِس سنگر

Gul Hayat Institute



قسط ٽين



جي اين مغل

( جي اين مغل اسانجو سينئر صحافي آهي. هن سنڌ جي مسئلن تي تمام سٺا مضمون لکيا آهن . ۽ سياسي ليڊرن کان ڏاڍا سٺا انٽرويو ورتا اٿس. پوئين ڏينهن ۾ هي افغانستان ويو ۽ موٽي آيو، اتي جو سفر نامو لکيو اٿس، جيڪو قسطوار ڏئي رهيا آهيون.)

پي - آءِ -اِي جو هوائي جهاز جڏهن اندرا گانڌي انٽرنيشنل ايئر پورٽ جي ارائيول لائونج ۾ داخل ٿيو ته اسانکي احساس ٿيڻ لڳو ته پاڪستاني هوائي اڏا ، سهولتن جي لحاظ کان ، دنيا کان ڪيترو نه پٺتي پيل آهن. مون کا گهٽي دنيا ته ڪانه ڏٺي آهي. سڀ کان اڳ، مون پاڪستان مان انهيءَ وقت پير ٻاهر ڪڍيو ، جڏهن اٽڪل ڏهه سال اڳ، نيپال ويڻ ٿيو هو. انهيءَ وقت اِهو ڏسي اطمينان ٿيو ته ڪراچي ،توڙي پاڪستان جا ٻيا هوائي اڏا ، ڪٺمنڊو جي ايئرپورٽ کان بهرحال اڳيرا آهن. پر جڏهن گذريل سال ، يورپ جي ڪن ملڪن ،جهڙوڪ اولهه جرمني ،برطانيه ۽ فرانس وڃڻ ٿيو ته احساس ٿيو ته پاڪستان يورپ کان گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سؤ سال پوئتي آهي. جرمني ويندي ، جهاز جڏهن ابوظهبي جي ايئرپورٽ تي ڪجھ وقت لاءِ ترسيو ۽ جرمنيءَ کان ،پاڪستان ورندي جڏهن دبئي جي ايئرپورٽ تي ڪجھ وقت ترسڻ ٿيو هو ته ان وقت بہ اِهو احساس ٿيو هو ته پاڪستان جا هوائي اِڏا اجا انهن جديد سهولتن سان سنواريل ڪونهن ،جيترا دبئي يا ابوظهبي جا هوائي اڏا.

پر هندستان ۽ پاڪستان ته گڏ سفر شروع ڪيو هو ؟ اسين سمورو عرصو سامراج جا سڪيلڌا رهيا آهيون. ڏيک ڏيکاءُ ۾ اسين هندستان کان تمام گهٽو اڳتي هئڻ جي هام هڻندا آهيون. پر دهلي هوائي اڏي تي لهڻ شرط احساس ٿيو ته دهلي هوائي اڏو ، ڪراچي هوائي اڏي کان ٻہ رتيون ڪسر آهي. ڪراچي هوائي اڏو ،پاڪستان جي هوائي اڏن جو نڪ تصور ڪيو ويندو آهي. پر

اڄ بہ کراچي هوائي اڏي تي، هوائي جهاز ۾ چڙهڻ توڙي لهڻ وقت، هوائي جهاز کان لائونج تائين ۽ لائونج کان هوائي جهاز تائين، بس ۾ سفر ڪرڻو پوندو آهي. پر دهليءَ جي هوائي اڏي تي، يورپ ۽ دبئيءَ جي هوائي اڏن وانگر، بس جو سهارو وٺڻ جي ضرورت نہ پئي. هوائي جهاز اچي لائونج جي پَر ۾ بيٺو، ۽ ان جي دروازي ۽ لائونج کي هڪ مڪينيڪل سرنگھ ذريعي ڳنڍيو ويو، جنهن مان لنگهي، مسافر لائونج ۾ پهتا.

دهليءَ ۾ ٻہ ڏينهن رهڻ کانپوءِ، ٢ جولاءِ تي اريانا ايئر لائن ذريعي، دهليءَ کان ڪابل روانو ٿيڻو هو (ڪابل ويندي دهليءَ ۾ ٻہ ڏينهن رهڻ ۽ ڪابل کان موٽندي دهليءَ ۾ ٻہ ڏينهن رهڻ جو ذڪر افغانستان جو سفر بيان ڪرڻ کانپوءِ ڪندس).

٢ جولاءِ تي دهلي هوائي اڏي تان ڪابل وڃڻ واري اريانا افغان ايئر لائين جي جهاز کي صبح جو سوائين ستين وڳي ٽيڪ آف ڪرڻو هو. تنهن ڪري، دهليءَ جي جنهن هوٽل ۾ ترسيل هئاسين، تنهن ۾، صبح جو ٽين وڳي اٿڻو پيو. گذريل ڏهن ويهن سالن ۾ اِهو پهريون صبح هو، جڏهن ايترو سوير اکيون پٽيون پيئون. تڪڙ ۾ شيو، ٽوٿ پيسٽ ۽ وهنجڻ کانپوءِ پئڪنگ ڪئيسين. صبح جي چانهن مس پيتيسين، تہ ٽئڪسين اچي نڪا ڪيو. ٽئڪسين ۾ سامان رکي، اسين سڀ صحافي هوائي اڏي ڏانهن روانا ٿياسين. انهيءَ وقت عجيب منظر هو. ائين ٿي لڳو، جهڙوڪ دهليءَ جي رستن تي ڪرفيو لڳل هجي. رستن تي ايڪڙ ٻيڪڙ ٽريفڪ هئي. فقط اسان جون ٽي چار ٽئڪسيون هيون، جيڪي هوائي اڏي ڏانهن ڊوڙنديون ٿي ويئون. مونکي ائين لڳو تہ اسين ٻي مهاڀاري لڙائيءَ سان وابستہ، ڪنهن انگريزي فلم جا ڪردار هجون ۽ نازي جرمني جي جنگي قيدين واري ڪنهن ڪئمپ مان، ڪنهن طرح ڀڄي نڪتا آهيون ۽ هاڻ روپ بدلائي، ٻهروپ ڌاري، ٽيڪسين ۾ سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هجون.

جيئن ٽئڪسيون تڪڙيون هليون ٿي، تيئن درين مان ايندڙ ٿڌڙي هير بدن کي ڇُهي، عجيب فرحت بخشي ٿي. دهليءَ تي اونداهہ جو غلبو آهستي آهستي ختم ٿي رهيو هو، ۽ سج جا هلڪا ڪرڻا، دهليءَ کي پنهنجي آغوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. جڏهن اسين هوائي اڏي تي پهتاسين تہ دهليءَ مٿان اونداهہ ۽ روشني واري جنگ ۾ اونداهہ شڪست کائي، ميدان، صبح جي اچاڻ جي حوالي ڪري رهي هئي. خبر نہ ڪيئن اوچتو، منهنجي خيالن سنڌ ڏانهن موٽ کاڌي. آءُ هڪ عجيب تجسس ۽ حسد سان صبح جي ان اڇ ڏانهن ڏسڻ لڳس، جيڪا پڪڙجي دهليءَ کي اونداهہ کان صاف ڪري رهي هئي. مون پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو تہ منهنجي سنڌ تان اونداهہ جو قبضو ڪڏهن ختم ٿيندو. صبح جي اها ڦهلجندڙ اڇ، ڪڏهن سنڌ جي پوتر ڌرتيءَ کي ڇُهي هميشہ هميشہ لاءِ سنڌ کي اها دائمي خوشبو ۽ مهڪار بخشيندي، جنهن لاءِ سنڌ جي ڌرتي ڪيتري عرصي کان سِڪندي اچي. سنڌ صدين کان هڪ عجيب قسم جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهي. دنيا جا ٻيا ملڪ ۽ انهن جون ڌرتيون جڏهن جڏهن ڪوهيڙي جي چادر ۾ ويڙهيل هونديون آهن تہ ڌارين کي نظر نہ اينديون آهن. پر هيءُ ڪوهيڙو بہ عجيب ڪوهيڙو آهي. هن ڪوهيڙي مان ڌارين کي تہ سنڌ جي هر اڇي اُجري شيءِ نظر اچيو وڃي، ۽ ڪٿان ڪٿان ڪَهي اچي هتي ڪٺا ٿيندا رهيا آهن، ۽ سنڌ جي هر اڇري ۽ اُجري شيءِ تي پنهنجو حق جتائيندا آهن. جڏهن تہ پنهنجي پيٽ ڄاين کي صدين کان ان ڪوهيڙي ۾، نہ پنهنجي جنم ڀومي سنڌ نظر آئي، ۽ نہ ان جي عظمت ۽ پوترتا نظر آئي، جنهنجي ڪري، هو سالن جا سال ۽ صدين جون صديون رڻ پٽ جي اُٺن وانگر هڪ پٽ کان ٻي پٽ تائين، يڪ ساهي ڊوڙندا ڏُڪندا ۽ رڙهندا رهيا آهن.

منهنجي خيالن جو سلسلو ان وقت ٽٽي پيو، جڏهن الطاف صديقيءَ مونکي ايمبارڪمينٽ ڪارڊ ڏنو، جيڪو هوائي جهاز ۾ چڙهڻ کان اڳ ڀرڻو هو تہ جيئن اميگريشن وارن کي ڏيکاري ڪليئر ٿي سگهجي.

دهليءَ ۾ افغانستان جي سفارتخاني جو هڪ عملدار اسانکي الوداع چوڻ لاءِ، اسان کان اڳ هوائي اڏي تي پهچي چڪو هو. دهليءَ جي هوائي اڏي جي اميگريشن واري ڪائونٽر تي ويٺل هندستاني اميگريشن وارن عملدارن جا ڀرون ان وقت اُڀا ٿي ويا ٿي، جڏهن هنن جي نظر پاڪستاني پاسپورٽ تي پئي ٿي. مون واري ڪائونٽر جي آفيسر لفظ پاڪستان تي نظر پوڻ سان، ڪرسيءَ تي پاسا ورائي پاسپورٽ کي وري وري اُٿلائي ائين ڏٺو، ڄڻ پاسپورٽ نہ هو، ڪو ٽائيم بم هو. مون کلي چيو مانس، پاڪستاني آهيان. اسين سڄا سارا چوڏهن پاڪستاني صحافي صدر نجيب الله جي دعوت تي افغانستان وڃي رهيا آهيون." مون ائين چئي، هن تي رُعب وجهڻ جي ڪوشش ڪئي.

اصل ۾ دهلي اچڻ وقت، اسانکي دهليءَ واري هوائي اڏي جي هندستاني عملي جي ڪرختگيءَ جو ان ڪري پتو نہ پيو جو ان وقت سڀئي رسمي ڪارروايون، اسان جي ٻدران پي - آءِ - اي جي دهلي آفيس جي اسٽاف جي، هڪ هندستاني ليڊي آفيسر مالِني سرانجام ڏنيون. جنهن جو ذڪر پڻ دهلي سفر واري ڪتاب ۾ ڪندس.

سچ اهو آهي تہ مونکي هندستاني عملي جي انهيءَ 'ڪرڙي نظر' تي خار نہ لڳا. ڇاڪاڻ تہ اِهو سڀ ڪجھ ان ڇڪتاڻ جو نتيجو آهي، جيڪا گذريل چاليهن سالن کان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ قائم آهي. جنهن ۾ اسان واري ڌر جي هٺُ، ڪوڙي انا ۽ ڏوهہ

Gul Hayat Institute

واري احساس جو وڏو هٿ آهي. پاڪستان مٿان آمريت مسلط رکڻ ۽ ننڍن صوبن جي بالادستي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هميشه لفظ 'هندستان' جي آڙ ورتي ويئي. انهيءَ سموري عرصي ۾ جنهن به انساني آزادي، اخباري آزادي، اجتماعي آزادي ۽ صوبائي خودمختياري جي ڳالهه ڪئي، اُن تي هِندستان جو ايجنٽ ۽ روس جو ايجنٽ هئڻ جا الزام هڻي، ڪاٽ ۾ وڌو ويو. انهيءَ دوران خبر ناهي ڪيترن جون جانيون ضايع ٿيون ۽ ڪيترن جا جسم ڳري ويا. صوبن مان انهيءَ جي سڀ کان ڳري سزا اوڀر پاڪستان ۽ سنڌ کي ڏني ويئي. اوڀر پاڪستان ۽ سنڌ کي، اُٿندي ويهندي هر موڙ تي اهو چيو ويو ته اوهين هندستان جا ايجنٽ آهيو. هيو ته نهيو، پر اسلام ۽ پاڪستان جي هٿ ٺوڪين چئمپينن، سنڌين ۽ بينگالين جي زبان ۽ ثقافت کي به نه بخشيو. چيائون، "اوهانجون زبانون ۽ ثقافتون اسلامي نه، پر هندوائيون آهن."

بينگالي اُپسمنڊ، طعنن ۽ ٺوڪن جو اهو تاءُ گهڻو وقت برداشت نه ڪري سگهيو، ۽ آخر اُپامي پيو ۽ نيٺ ڊسمبر ١٩٧٠ ۾ پاڪستان جي ان حصي کي هميشه هميشه لاءِ ڌار ٿيڻو پيو.

بينگال آزاد ٿي ويو. پر سنڌ سور سهڻ لاءِ اڃا موجود آهي. شايد انهيءَ ڪري جو تاريخ جي صفحن تي اهو لکيل آهي ته سنڌ پاڪستان جي ماءُ آهي. سنڌ پاڪستان کي جنم ڏيڻ جو 'ڏوهه' ڪيو آهي. تنهنڪري 'سزا' کائڻ لاءِ به تيار رهڻو پوندو. تاريخ جو عجيب مذاق آهي. جنهن سنڌ پاڪستان کي جنم ڏنو، تنهن کي چاليهن سالن کان پاڪستان دشمن هئڻ جا طعنا ڏنا ويا ۽ ٨٨ واري چونڊ ۾، جنهن سنڌ جي ووٽ سبب پاڪستان جي وفاق کي نئين ساک ۽ نئين سر مڃتا نصيب ٿي، سا اڄ اسلام آباد جي ڪنهري ۾ چور بڻي بيٺي آهي ۽ پنجابي شاونزم سندس ڪڍ آهي.

اسان جڏهن به ڏينهن اڳ ڪراچيءَ مان فلاءِ ڪيو هو ته ان وقت اهي انديشا هئا ته پنجابي شاونزم قومي اسيمبليءَ ۾ وفاق جي بجيٽ منظور ٿيڻ نه ڏيندو. اهڙيءَ طرح نه فقط بينظير پنهنجو برطانيه ۽ فرانس جي دوري اُسهي نه سگهندي، پر سندس حڪومت به ڊهي اچي پٽ پوندي.

اسان ٻن ڏينهن کان پاڪستاني اخبارون نه پڙهيون هيون، تنهنڪري ڪا خبر نه هئي ته انهن ٻن ڏينهن ۾ ڇا ٿيو. منهنجا خيال خبر نه ڪٿي ڪٿي ڀٽڪي رهيا هئا. آءٌ جيڪو پنهنجي خيالن ۾ گم هوس تنهن کي هڪ همراهه وڏي حب مان اچي ڀاڪر پاتو. اُهو افغاني سفارتڪار هو. اسانکي الوداع چوڻ آيو هو. چيائين: اوهان مڙني جو سامان مون گڏ پيڪ ڪرائي، 'ڊپلوميٽڪ ڪارگو' ۾ ڊڪليئر ڪرائي ڇڏيو آهي، جيڪو اوهانکي ڪابل جي هوائي اڏي تي صحيح سلامت ملي ويندو. اوهين ڪو به اُلڪو نه ڪجو.

اسان، توڙي سامان جي ڪليئرنگ ٿي چُڪي هئي. اسان افغان سفارتڪار کان موڪلائي، بدني چڪاس ڪرائڻ لاءِ وڃي قطار ۾ بيٺاسين. اهو مرحلو به ختم ٿيو. هاڻ ڏاڪڻ لهي، هيٺ ڊپارچر لائونج ۾ وڃڻ هو، جتان پوءِ هوائي جهاز ۾ پهچڻو هو.

اسان مان سڀ کان پهرين، اسانجون ٻه صحافي خاتون ساٿي ڪليئر ٿي، هيٺ لهي چڪيون هيون. انهيءَ کانپوءِ آءٌ ڪليئر ٿيس. مون مناسب سمجهيو ته ٻين ساٿين جي ڪليئر ٿيڻ جو انتظار ڪجي. متان ڪنهن کي ڪو پرابلم ٿي پوي، ته پوءِ ان جي مدد ڪري سگهجي. چئو ته اڳي ڪليئر ڪرڻ وارا به 'سردار جي' هئا، ٿوري دير ۾ باقي ٻيا به ڪليئر ٿي ويا. اڃا ڏاڪڻ لهي رهيا هئاسون ته مجيد بلوچ جي نظر وڃي هڪ ننڍي ڪوچ تي پيل هڪ ڪاري پرس تي پيئي. ڪٿي ڪولڻ سان پتو پيو ته ان ۾ نرگس جو پاسپورٽ ۽ رقم پيئي هئي. انهيءَ وچ ۾ نرگس به سهڪندي، چاڙهيون چڙهي آئي. هنجي حالت ڏسي، مجيد بلوچ يڪدم پرس سندس حوالي ڪيو. نرگس جي پيٽ ۾ ساهه پيو. جيڪڏهن اِهو پرس پاڪستان ۾ ڪٿي رهجي وڃي ها، ۽ اُتي ڪنهن جي ور چڙهي وڃي ها ته ٻيڙائي پار ٿي وڃن ها.

ڏاڪيون لهڻ وقت ذهن ۾ افغانستان بابت ڪئين انديشن جو طوفان اُٿليل هو. پاڪستان ۾ رهندي پاڪستان توڙي مغرب جي اطلاعتي وسيلن ذريعي، افغانستان بابت ٻڌل بي پناهه پروپگنڊا کي اسين رد ڪندا آيا هئاسين، ته به ڪن انديشن جو اثر ضرور ٿيو هو ته افغانستان ۾ جنگ جي صورت حال سبب دهلي کان ويندڙ هوائي جهاز خالي ويندا هوندا. ڪابل جو هوائي اڏو مسلسل بمباريءَ سبب موهن جي دڙي وانگر تباهه ٿي چڪو هوندو، ۽ هاڻ فقط ڪو هڪ اڌ رن وي باقي بچيو هوندو، جنهن تي هوائي جهاز لهندا هوندا ۽ ٽيڪ آف ڪندا هوندا. يا اهو انديشو ته اريانا افغان ايئر لائنس جا جهاز روسي هلائيندا هوندا.

پر اسين جڏهن هيٺ ڊپارچر لائونج ۾ پهتاسين، ته اهو ڏسي حيران ٿي وياسين ته لائونج ڪابل ويندڙ مسافرن سان ڀريو پيو هو ۽ هنن جي چهرن تي پريشاني، ڊپ يا هراس جا ڪي به اهڃاڻ نه هئا، جنڪي ڏسي ماڻهو اهو محسوس ڪري ته هو ڪنهن جنگ زده ملڪ ڏانهن هوائي سفر ڪري رهيا آهن. هنن ۾ ٻار به هئا، ڪُراڙا به هئا، جوان به هئا ۽ عورتون به هيون. مسافرن جو وڏو تعداد افغاني شهرين جو هو. جڏهن ته هندستاني پڻ هئا، جن مان اڪثريت سِکن جي هئي. اسانجو سينئر ساٿي عبدالحميد ڇاپرا، جيڪو اهڙن مرحلن تي حيران ڪندڙ ڦڙتي ڏيکاريندو آهي. سو هن اوچتو ڊوڙي وڃي اريانا ايئر لائنس جي اسٽاف مان هڪ

ڪي پڪڙيو ، جيڪي دروازو پار ڪري ، هوائي جهاز ڏانهن وڃي رهيا هئا. هن انهيءَ سان عليڪ سليڪ ڪئي ، ڪجهه ڳالهايو ، ۽ پوءِ مُرڪندو اسان وٽ آيو ۽ چيائين ، "پاڻ رپورٽنگ شروع ڪري ڇڏي آهي.توهين بہ نوٽ ڪريو. هوائي جهاز ۾ ١٨٠ مسافرن جي سيٽن جي گنجائش آهي ۽ هن فلائيٽ ۾ ١٧٨ مسافر آهن." منهنجي وات مان اوچتو نڪتو ، "پهرين ٽڪي ڪيرَ پري - ٻيو بہ ڏيندو الله." برنا ماحب منهنجي ڪڍ پئجي ويو ۽ چيائين ان جي معني ٻڌاءِ. مون مطلب ٻڌايو مانس تہ مغرب جي اطلاعاتي ذريعن طرفان ڦهلايل ڪوڙن مان هڪ جو ڦڪڙ هتي ئي ڦاٽي پيو. الله ڪندو تہ ٻين ڪوڙن جا بہ وڪا پڌرا ٿي پوندا.

مونکي اِهو احساس آهي تہ سنڌي زبان بابت منهنجي ڄاڻ پوري سوري آهي. پر خبر نہ ڪهڙي چڪ آئي جو ، ان وقت ڪجهه ساٿين اڳيان سنڌي زبان بابت ليڪچر ڏيڻ لڳس. مون ڪين چيو تہ سنڌي زبان جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ ان جي ڪن چوڻين ۾ ايتري Spontancousness ۽ Originality آهي ، جو اهڙو مثال دنيا جي ٻي ڪنهن زبان ۾ مشڪل ملندو." مون پنهنجي انهيءَ دعوا جو مثال هڪ ٻي چوڻي جي شڪل ۾ ڏنو ۽ بيخبريءَ ۾ مڇن کي تاءُ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم ، پر ياد پيم تہ آءٌ مڇون رکائي ڪونہ.اجا وڌيڪ مثال ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس ، تہ پهرين هندي ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ هڪ خاتون جو سُريلو ۽ مٺو آواز مائيڪ تي ٻڌڻ ۾ آيو ، جنهن ۾ سڏ ڏنو ويو هو تہ ڪابل ويندڙ مسافر هوائي جهاز ۾ وڃڻ شروع ڪن. رش تمام گهٽ هئي. تنهنڪري اسان جي سٽ ٺَپي ڪيو تہ سيني ڪانپوءِ وڃبو. انهيءَ وچ ۾ هڪ ٿلهي روسي مسافر جي چُرپُر ڏسي سيئي تمام گهڻو محفوظ ٿيا سين. هن همراهہ دهليءَ واري ڊيوٽي فري شاپ تان اسڪاچ جون يڪيون سارون اٺ بوتلون خريد ڪيون هيون. اُهي بہ ، هڪ پلاسٽڪ جي هڪ ٿهلي ۾ هيون. انهيءَ کان علاوه ، هن وٽ هڪ ٻيو هينڊبئگ بہ هو. جيڪڏهن بوتلن واريون ٿهليون ڪنيائين ٿي تہ ٻن بوتلن واري هڪ ٿهلي هن کان رهجيو ٿي ويئي. هُن اِها مشق ٽي پيرا ڪئي ، پر ٽيئي پيرا 'مشن' ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. صبح جو وقت هو ، ۽ لائونج سينٽرلي ايئر ڪنڊيشنڊ هو ، پر جيئن تہ مڙس ڳرو هو ، تنهنڪري ٽي پيرا ناڪام اُٿ ويهہ ڪرڻ جي ڪري پگهر جي ويو هو. اسين اِهو سڀ ڏسي رهيا هئاسين ۽ کلي رهيا هئاسين. اسان جي هڪ همراهہ ، شرارت واري انداز ۾ مُرڪي چيو: اهي بہ بوتلون هن کان ڪونہ کڄي سگهنديون. اهي پنهنجي نصيب ۾ آهن ، پر اڳيان بہ روسي هو. آخر اهڙي اٽڪل ڪيائين ، جو اُهو سمورو سامان جيئن تيئن کڻي وڃي هوائي جهاز پيرو ٿيو ۽ اسان وارا سيئي يار تڪيندي رهجي ويا.

هوائي جهاز ۾ 'ٻي ٽڪي ڪير پري' اسان جو انتظار ڪري رهي هئي. اهو هيئن جو سيٽن تي ويهارڻ واري عمل دوران پتو پئجي ويو تہ هوائي جهاز جو سمورو عملو ، جنهن ۾ ايئر هوسٽس ، اسٽيوارڊ ۽ ڪيپٽن وغيره شامل آهن ، سيئي افغاني آهن ، منجهان ڪوبہ روسي يا هندستاني نہ هو ، اسان اڃان افغانستان پهتا بہ ڪونہ هئا سين ، تہ مغربي پروپئگنڊا مئڻ وانگر پگهرندي محسوس ٿي. سڀ مسافر سيٽن تي ويٺا سين تہ پٽو ٽائيٽ ڪرڻ جو اشارو مليو. سيني مسافرن پنهنجا پنهنجا پٽا ٽائيٽ ڪيا. هوائي جهاز ڊوڙڻ لڳو. هوائي جهاز اُڏامڻ کان اڳ ، رن-وي تي جيڪا ڊوڙ پائيندو آهي. تنهن کي شايد ٽيڪنيڪل زبان ۾ 'ٽيڪسنگ' چيو ويندو آهي. اوچتو هوائي جهاز جي ڊوڙ جهڪي ٿي ۽ هوائي جهاز بيهي رهيو. اعلان ڪيو ويو تہ جهاز جون ڪجهه انجڻيون چالو ڪونہ ٿيون آهن. تنهنڪري انهن جي چڪاس ٿيندي. اک ڇنب ۾ ٽيڪنيشن ، جيڪي پڻ سڀ جا سڀ افغاني هئا ، پانا وغيره کڻي نمودار ٿيا. آءٌ ڊڄي ويس ۽ دل ئي دل ۾ ڊپ محسوس ڪيم. سوچڻ لڳس تہ هي افغاني ، هوائي جهاز ماگ تائين پهچائي بہ سگهندا... انهيءَ وچ ۾ مون ڏٺو تہ هڪ ٿلهي افغاني ايئر هوسٽس ، ڊوڪيندي هوائي جهاز جي پوڇڙ ۾ آخري سيٽ تي ويٺي. هن هڪ اهڙي ڪَلَ کي زور ڏنو ، جو هڪ چور دروازو کلي پيو ۽ اُن مان هوا ، سمنڊ جي ڇولين وانگر ڊوڪيندي جهاز ۾ گهڙي. اهڙيءَ طرح جهاز جي بيهڻ ڪري ، جهاز ۾ جيڪا ٻوسٽ پيدا ٿي هئي سا ڪافي ختم ٿي ويئي هئي. افغاني ايئر هوسٽس بہ ڪا اسان وانگر رات جي اوجاڳيل هئي ، سا ٽنگون ٽيڙي سمهي رهي. مان سڄي رات سمهي نہ سگهيو هوس ، سو هاڻ ننڊ ستائڻ لڳي ۽ اکيون پور ٻيون محسوس ٿيون. مون بہ نہ ڪا ڪئي هم نہ تم ، وڃي پاڻ کي ايئر هوسٽس جي پرسان سيٽ تي ڇڏيم. اهو بہ نہ سوچيم تہ مون وارا همراهہ ۽ ٻيا مسافر ڇا سوچيندا. اتي هوا جا گهوگهٽ لڳا پيا هئا ، سو مونکي بہ اُتي جو اُتي ننڊ کڻي ويئي. اوچتو مون محسوس ڪيو تہ ڪو پاڏو مونکي ٺونا هڻي رهيو آهي. آءٌ ڇرڪ ڀري اُٿيس تہ ڏٺم ، ٿلهي افغاني ايئرهوسٽس مونکي ٻانهن کان جهلي ڏونڌاڙي جاڳائي رهي آهي. افغاني ٽيڪنيشن هوائي جهاز جون سيئي انجڻيون ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڇڏيون هيون ، هوائي جهاز اُڏامڻ لاءِ تيار هو. ايئر هوسٽس سيٽ تان اٿڻ چاهيو ٿي ، پر منهنجي ڪري اُٿي ڪونہ ٿي سگهي. آءٌ " آءِ ايم ساري" چئي ، ٻُل ڏيئي سيٽ تان اٿيس ۽ وڃي پنهنجي اصلي سيٽ تي ويٺس. جڏهين آءٌ پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيس تہ پويان مجيد بلوچ پنهنجي مخصوص بلوچي لهجي ۾ ٽوڪ هڻندي چيو " لئي اٿئي." مون ڪوبہ جواب نہ ڏنو ، رڳو مرڪي ڏنم.

ٿوري وقت اندر هوائي جهاز ٽيڪ آف ڪيو ۽ فضائن ۾ پهچي ويو. هوائي جهاز هاڻ ڪڪرن کان مٿي اُڏامي رهيو هو.

Gul Hayat Institute

هيڏانهن اسان محافين ۾ عجيب بحث شروع ٿي ويو. چاپرا، جيڪو پاڻکي دنيا جي هر معاملي تي اٿارٽي هئڻ جي دعوا ڪندو آهي، تنهن چيو ته "هي هوائي جهاز پهرين لاهور مٿان پهچندو، پوءِ پشاور کان ڪابل وارو روٽ وٺندو." منهنجي دماغ کي اها ڳالهه نه لڳي. مون سوچيو ته افغانستان جو هوائي جهاز ته فقط تڏهن پاڪستان مٿان اڏامي سگهي ٿو، جڏهن ٻنهين ملڪن ۾ ڪو اهڙو فضائي معاهدو هجي. پر هن وقت ته ڪو اهڙو معاهدو ڪونهي. مون چاپرا کي مخاطب ٿيندي چيو، "يار تون ٺاهڪ ٿو هڻي. ٿي سگهي ٿو جهاز هندستان واري ڪشمير تان ٿيندو، روس واري حصي تان ڪراس ڪري، هماليه جي چوٽيءَ مٿان اڏام ڪندي افغانستان جي فضائي سرحدن ۾ داخل ٿئي." پوءِ خبر پئي ته چاپرا جي ٿيوري غلط هئي. پر هوائي جهاز ڪهڙو روٽ اختيار ڪيو هو، انهيءَ جو به پتو نه پئجي سگهيو.

هاڻ اڪثر مسافر، پنهنجي سيٽن تي ليٽي پيا هئا. جهاز ڪڪرن مٿان ترندو، پنهنجو سفر طئي ڪري رهيو هو. جيئن ته صبح جو وقت هو، تنهنڪري جهاز جي عملي مسافرن کي نيرن ڏني، جنهن ۾ هاف فراءِ بيدا هئا، بٽر سلائيز هئا ۽ فروٽ هو. نيرن کانپوءِ چانهن ۽ ڪافيءَ جو دور هليو. اسان وارن ڪجهه محافين 'چڪاس' خاطر ايئر هوسٽس کان گهر ڪئي ته ٻين هوائي ڪمپنين وانگر وسڪي ۽ بيئر ڏنو وڃي. پر معذرت ڪئي ويئي ۽ ٻڌايو ويو، جيئن ته افغانستان هڪ اسلامي ملڪ آهي، تنهنڪري ان جي هوائي سروس ۾ شراب پيش نه ڪيو ويندو آهي.

واضح رهي ته دنيا جي مڙني هوائي ڪمپنين جي بين الاقوامي اڏامن ۾، مسافرن کي مفت شراب فراهم ڪيو ويندو آهي. پلي مسافر پيٽ ڀري پئي، ڪابه پابندي نه هوندي آهي. ڪجهه عرصو اڳ پي - آءِ - اي جي انٽرنيشنل سروس ۾ به شراب پيش ڪيو ويندو هو، پٽي صاحب جي حڪومت ۾ شراب پيش ڪرڻ تي پابندي وڌي ويئي.

افغانستان جي انقلابي حڪومت خلاف سڄي عالم ۾، ۽ خاص طور تي جماعت اسلامي وارا پاڪستان ۾ پروپيگنڊا ڪندا آهن ته انقلاب کانپوءِ افغانستان مان اسلام کي ڏيهه نيڪالي ڏئي وئي آهي، ۽ هاڻ افغانستان ۾ هر هنڌ شراب ۽ سور عام آهي. پر هوائي جهاز جي حد تائين اها پروپيگنڊا به غلط ثابت ٿي. جماعت اسلامي وارن يارن کان پڇيو وڃي، ته هو جن اسلامي ملڪن کان ڊالرز وٺي هنن تي ڪلمو پڙهڻ کان نه گسندا آهن، تن جي هوائي جهازن ۾ ڇا نه ٿو ملي. اصل ڳالهه اها آهي ته اهو سڀ ڪجهه سياست جو چڪر آهي. جمهوريت جي مخالفت به اسلام جي نالي ۾ ته انقلاب جي مخالفت به اسلام جي نالي ۾!

جيئن ته ناشتو ٿي چڪو هو، ۽ رات واري اوجاڳي جي ڪسر به اجا پوري ڪانه ٿي هئي، تنهن ڪري اک لڳي ويئي. اک ان وقت کلي، جڏهن هڪ ساٿي رڙ ڪئي ته شايد ڪابل مٿان پهچي ويا آهيون. آءُ رڙهي دريءَ وٽ آيس. چئني طرفان ڊگها ڊگها ۽ وڏا وڏا جبل ڪر ڪنيو بيٺا هئا. ائين محسوس ٿيو ته اهي جبل اسانکي سلامي ڏيئي رهيا هجن. آءُ ٽِڪ ٻڌي هيٺ نهارڻ لڳس. جڏهن به پشاور ۽ ڪوئيٽا جي هوائي اڏن تي لهڻ ٿيندو آهي ته آءُ اتي به، اتان جي جبلن کي غور سان ڏسندو آهيان. شايد انڪري، جو اسان وٽ سنڌ ۾ ايڏا جبل ڪونهن، جو هوائي جهاز وارين بلندين تان نظر اچن. اسان جا جبل به اسان وانگر، سنڌ وانگر ۽ سنڌ جي برپٽ وانگر سادگي ۽ سچائي جي علامت آهن. دل چاهيندي آهي ته ڪڏهن وقت ڪڍي هالار ۽ سليمان جبل کي وڃي سلام ڪجي. منجهن ڪيئي ارمان ۽ ڪيئي ڪهاڻيون لڪل هونديون. پر چوندا آهن 'گهر جي مرغي دال برابر'

جڏهن به ڪوئيٽا جي هوائي اڏي تي لهڻ ٿيندو آهي، ته اتان جا جبل ڏسي انهن جبلن تي به ڪهل ايندي آهي. بلوچستان جا جبل بلوچستان جي ماڻهن وانگر غريب نظر ايندا آهن. اها به حقيقت آهي ته بلوچستان کي ڏسي سنڌ جي غربت به وسري وڃي. سرحد جا جبل ائين نه آهن، سرحد جا جبل هڪ نظر ۾ خوشحال لڳندا آهن. سندن چاتيون وٽڪار ۽ ساوڪ سان ڀريل هونديون آهن. جهڙوڪ جبلن کي سائي ڊريس پهريل محسوس ٿيندي آهي. ان جي مقابلي ۾ بلوچستان جا جبل ٿوڙا آهن. هر طرف ويراني نظر ايندي آهي. انهن جبلن کان ڪابل جا جبل خوش نصيب لڳا.

هاڻ هوائي جهاز ڪجهه هيٺ لهڻ لڳو. هيٺ، تمام هيٺ سر سبز ماٿري نظر آئي. اهو ڏسي آءُ ڪپڙا سولا ڪرڻ لڳس، اڄهو هاڻ چاڻ ٿو هوائي جهاز هيٺ لهي. پر هوائي جهاز اڏام ڪندو رهيو ۽ ماٿريءَ جو سلسلو ڪٽندو نظر ڪونه ٿي آيو. پوءِ پتو پيو ته ڪابل مختلف جبلن جي دامن ۾ مختلف سر سبز ۽ شاداب ماٿرين تي مشتمل آهي. ڪابل شهر ور وڪڙ ڪائيندڙ ماٿرين جي هڪ ڊگهي زنجير وانگر آهي. هاڻ محسوس ٿيو ته هوائي جهاز ڪابل جي ان حصي مٿان پهچي ويو آهي، جتي هوائي اڏو آهي ۽ جتي هوائي جهاز کي لهڻو آهي. پر ان کانپوءِ به هوائي جهاز کي مٿي چڪر لڳائيندي ١٥ - ٢٠ منٽ ٿي ويا. ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ڪهڙو سُٽ موڙهيو آهي، جو ڪئپٽن جهاز کي هيٺ نه ٿو لاهي. دل ۾ هورا ڪورا ٿي ته تجسس به پيدا ٿيو. ڊپ ٿيو ته ڪٿي هيٺ ڪوممڻ ته متل نه آهي. ڪٿي جهاز واپس ته ڪونه دهليءَ هلندو. منهنجي اها اندر جي هورا ڪورا منهنجي ڀر سان ويٺل هڪ ڪراڙي افغاني شايد پڙهي ورتي. مونکي اردوءَ ۾ چيائين، "گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي. جڏهن کان افغان انقلاب کي ناڪام بنائڻ لاءِ سامراج جي ايجنٽن، سامراج جي هشيءَ تي ڪابل ۽ افغانستان جي ٻين شهرن تي راڪيٽن سان وقت به وقت لڪ چوريءَ حملا

Gul Hayat Institute

ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي، تہ دفاعي نقطہ نگاھ کان، هوائي جهاز ڪابل واري هوائي اڏي تي لهڻ وقت، چئني طرفن چڪر هڻي، گٽس جو غبارا جهاز مان ڦٽا ڪندو آهي تہ جيئن لئنڊ ڪرڻ وقت، هوائي اڏو چئني طرفن کان هڪ اهڙي هٽرادو ڏنڌ ۾ ويڙهجي وڃي، جو نہ هوائي جهاز ۽ نہ هوائي اڏو نشانو بڻجي سگهي. " اها ڳالھ ٻڌڻ سان هڪڙي هورا ڪورا ختم ٿي تہ وري ٻي اُٿ تڻ پيدا ٿي. پر افغاني ڪان اها اٿ تڻ بہ لڪي نہ سگهي. هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين " گهبرايو نہ ڪجھ بہ نہ ٿيندو. دشمن ڪي بازو هماري آزمائي هوئي هين."

هاڻ جهاز ڪافي هيٺ لهي چڪو هو. جهاز ۾ لئنڊ ڪرڻ واري هلڪي سريلي ڌن شروع ٿي وئي هئي. هيٺ هر طرف ساوڪ نظر اچي رهي هئي. ذهن تصور ئي تصور ۾ ساوڪ جي تازگي ۽ انقلاب جي خوشبو سان معطر ٿيڻ لڳو. عجيب خوشي بہ محسوس ٿي رهي هئي ۽ فخر بہ محسوس ٿيو هو، تہ آءُ جناب رسول بخش پليجي کان پوءِ شايد ٻيو سنڌي هوس، جيڪو انقلاب جي سرزمين تي پير رکي رهيو هوس.

مون جڏهن اسڪول ۾ هندستان جي تاريخ پڙهي هئي، تہ ٻن حوالن سان مونکي هميشہ افغانستان ياد ايندو هو. هڪ اهو تہ جناب جان محمد جوڻيجي جي قيادت ۾، سنڌي جوانن جي هڪ ٽيم، انگريز سامراج جي خلاف تحريڪ جي هڪ حصي طور، پنهنجو وطن سنڌ ڇڏي، افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي هئي، هو نندي ڪنڌ جا پهريان مهاجر هئا. هنن اها هجرت ڪنهن بہ فائدي خاطر نہ ڪئي هئي. پر اڄ ڏينهن تائين هنن جو ڪنهن بہ ذڪر نہ ڪيو آهي. شايد ان ڪري جو هو نڌڪٽي قوم سان تعلق رکن ٿا، جن جو نہ ڪو ڌڻي آهي، نہ ڪو سائين، ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ تہ هنن جو اڙدو پريس سان ڪو واسطو يا تعلق نہ آهي. اڄ ڏينهن تائين اها بہ خبر نہ آهي تہ انهن مهاجر سنڌين جو ڇا ٿيو؟ چون ٿا تہ هتان جي ڪجھ جاسوسن، جاسوسي ڪري افغان حڪومت جا ڪن هجرت ڪندڙ سنڌين خلاف ڀريا. خبر نہ ڇا ڇا چيو، جو ڪابل جي ان وقت جي حڪمرانن، انهن بي يار و مددگار سنڌين کي، پهرين گرفتار ڪرايو ۽ پوءِ قتل ڪرائي ڇڏيو. هنن جي قبرن جي بہ ڪا خبر نہ آهي تہ هو ڪٿي سپرد خاڪ ٿيا. بهرحال انهن اطلاعن جي بہ ڪا تصديق نہ ٿي سگهي.

پراڻي تاريخ جي ٻي ياد، مونکي پراڻي افغانستان جي پهرين انقلابي، غازي امان الله جي حوالي سان ايندي آهي. جنهن افغانستان جي ڪيترين پراڻين روايتن خلاف اعلان بغاوت ڪئي ۽ معاشري کي ڪيئن سال ڏکي اڳتي وٺي آيو. پر جيئن تہ هو پر پاسي وارن سامراجن جي آنکي پرڻ لاءِ تيار نہ هو، تنهن ڪري عيار انگريز سامراج، هن جي حڪومت خلاف پروپئگنڊا جو هڪ اهڙو محاذ کڙو ڪيو، جيڪو هن وقت مغربي اطلاعاتي ذريعن، افغان انقلاب لاءِ شروع ڪري رکيو آهي. انگريزن سازشون ڪيون، ۽ آخر ڪار افغانستان جي پهرين انقلابي غازي امان الله جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. منهنجي ذهن ۾ خواهش پيدا ٿي تہ افغانستان ۾ رهڻ دوران آءُ نہ فقط غازي امان الله جي مقبري تي حاضري ڏيان، پر پنهنجي طور تي جان محمد جوڻيجي جي قيادت ۾ ويل بي يار و مددگار سنڌين جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪندس. پر افسوس اهو آهي تہ آءُ اهي ٻئي خواهشون پوريون نہ ڪري سگهيس. جنهن ڪري اڄ هي سٽون لکڻ وقت شرمساري محسوس ڪري رهيو آهيان.

آهستي آهستي هوائي جهاز جا پير زمين کي ڇهندا محسوس ٿيا ۽ رن وي تي هوائي جهاز ڊوڙندو محسوس ٿيو. هوائي جهاز ڊوڙي رهيو هو. آءُ ۽ ٻيا ساٿي چوڌاري طرف نظرون ڊوڙائي رهيا هئا سين. چئني طرف جبل هئا. پري پري تائين هوائي اڏو صحيح سلامت نظر آيو. ڪٿي بہ ڪو کڏو ڪوهو نظر نہ آيو. البت اٽڪل ٽيهارو، چاليهارو جنگي هوائي جهاز مختلف هنڌن تي نظر آيا. پر اُهي بہ صحيح سلامت نظر آيا. دل مان مغربي پريس لاءِ ڪچيون گاريون نڪرڻ لڳيون. مغرب کي آزادي تي وڏو ناز آهي، پر اها ڪهڙي آزادي آهي تہ پنهنجي قوم ۽ پنهنجون اخبارون پڙهندڙن، ۽ پنهنجون ٽيليويزن ڏسندڙن کي ڪوڙ جي آڪسيجن ٽينٽ ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن ان کي آزادي چئبو آهي تہ حيف آهي اهڙي آزادي تي.

هوائي جهاز جي رفتار گهٽجڻ لڳي. مون ڏٺو تہ سج ڪافي چڙهي چڪو هو. اٽڪل سادي يارهين وڳي هوائي جهاز هوائي اڏي تي لئنڊ ڪيو.

اسان کي پروگرام مطابق نوين وڳي ڌاري ڪابل پهچڻو هو، پر دهليءَ واري هوائي اڏي تي جهاز جون انجڻيون خراب ٿيڻ ۽ انهن کي درست ڪرڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو هو. هندستان ۽ پاڪستان ۾ هڪ ڪلاڪ جو فرق آهي. جڏهن تہ هندستان ۽ افغانستان ۾ اڌ ڪلاڪ جو فرق آهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۽ افغانستان ۾ بہ اڌ ڪلاڪ جو فرق آهي.

هاڻ هوائي جهاز رڪجي چڪو هو. اسين سڀ مسافر اُٿي بيٺا سين ۽ پنهنجا هئنڊ بئگ هٿ ۾ کڻي اٿي هوائي جهاز جي دروازي ۾ ڏاڪڻ لڳڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا سين. انهيءَ وچ ۾ اسان جي ٽيم جي هڪ همراھ رڙ ڪئي تہ هيٺ ڏاڪڻ وٽ چار پنج همراھ سوٽن بوٽن ۾ بيٺا آهن. هنن سان گڏ نہ فقط پريس فوٽو گرافر، پر ٽي وي ڪئميرا مئن بہ نظر اچي رهيا آهن. هن خوشي ۽ اتساھ مان چيو تہ "يار هي پنهنجو استقبال ڪرڻ آيا آهن. اڄ تہ پنهنجو استقبال وي آئي پي ٿيندو." مون بہ جهڪي ڏٺو، مون کي

Gul Hayat Institute

ٻـ ائين لڳو ، واقعي خو شي محسوس ٿي. آهستي آهستي مسافر رڙهڻ لڳا. انقلاب جي سر زمين تي پهريون پير رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳس. خو شي جا جذبا پنهنجي جوڀن تي هئا. انهيءَ وچ ۾ ڏٺم تـ ڪجهه صحافي ساٿي هيٺ لٿا تـ هيٺ بيٺل افغان دوستن وڏي هنن کي ڀاڪر پاتا. فوٽو گرافر ٽڪ ٽڪ ڪئي ، ۽ ٽي وي ڪئميرا مئن جي فلش جي رو شني اکين ۾ ليٽا پاتا. مجاهد بريلوي هيٺ پهچي چڪو هو . لڳو ٿي تـ افغاني ميزبان اڳ هن جا چاتل سڃاتل هئا. هاڻ جيڪو ٻـ اسان جي ٽيم جو صحافي هيٺ لٿو ٿي تـ افغان ميزبانن سان مجاهد هن جو تعارف ڪرايو ٿي. مجاهد منهنجو تعارف ڪرائڻ وقت ، منهنجي اخبار جو ذڪر ۽ خاص طور تـ مغل سنڌي آهي ۽ سنڌ کان آيو آهي. افغان ميزبان جيڪي سڀ نوجوان هئا. شڪل جا سهڻا ۽ سمارٽ هئا ، مون سان وڏي ڀاهوهه مان ڀاڪر پائي مليا. لفظ سنڌي ٻـڌڻ وقت هنن جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪ نظر آئي. هو مون سان ور ور ڏيئي مليا ۽ ور ور ڏئي هٿ ملايائون. چڻ هڪ پيرو هو مون سان ملي رهيا هئا تـ ٻيو پيرو سنڌ ڌرتي سان ٿي مليا. هڪ افغاني ، جيڪو ان وقت ٽيم جو سربراهه لڳو ٿي ، جنهن جو نالو مسٽر ڪرگر هو ، تنهن منهنجي ٻانهن کي زور سان جهلي چيو تـ "توهان سنڌين کي سلام هجي. توهان وڏي جدوجهد ڪئي آهي ،"

في الحال فقط ايتري ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي. ڪارون هوائي جهاز وٽ پهچي ويون. اسان کي پوري سفارتي آداب سان گذارش ڪئي وئي تـ هلي ڪارن ۾ وهو . ان مرحلي تي هڪ ان وڻندڙ ڳالهه ٿي. افغان ميزبانن اسان کي چيو تـ هلي موٽر ڪارن ۾ وهو تـ جيئن انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڏانهن هلجي ، جتي اسان سڀني جي رهائش جو بندوبست ٿيل هو . هنن چيو تـ سامان جو اوهين الڪونـ ڪريو . اهو توهان جي هوٽل ۾ پهچي ويندو. پر اسانجي ٽيم جو هڪ سينيئر صحافي پڙڪدي بيهي رهيو. چيائين ، " جيسين مونکي سامان نـ ملندو تيسين هوائي اڏو نـ ڇڏيندس. "

اسان جا ميزبان عجيب شش و پنج ۾ پئجي ويا. اسان جو هوائي اڏي تي جيڪي استقبال ڪرڻ آيا هئا ، سي يا فارين افيئرس جا ذميدار عملدار هئا يا افغانستان يونين آف جرنلسٽس جا ذميدار عهديدار هئا. افغان بـ سنڌين وانگر مثالي ميزبان آهن. هنن جي سڄي ڪوشش هئي تـ هوائي اڏي تي اسانکي ڪابـ تڪليف نـ ڏين ۽ هر قسم جو آرام ڏين. پر هنن اهو ٻـ پنهنجو فرض سمجهيو ٿي تـ جيڪڏهن اسان مان ڪو زيادتي ڪري رهيو هو ، تـ هنن کي اسانجي زيادتيءَ واري رويئي تي ڪو ڏک ٿيو آهي. انهيءَ ڪري هو اسانجي ساٿيءَ جي ناگوار رويئي جي باوجود مُرڪندا رهيا ، معذرت ڪندا رهيا ۽ گذارش ڪندا رهيا تـ ، " اوهين ڪو ٻـ الڪو نـ ڪريو . توهان جو سامان نـ ويندو . "

حقيقت ۾ هنن هوائي اڏي تان ڪارن ذريعي اسان کي سوار ڪرڻ جو بندوبست بـ ان ڪري ڪيو هو ، جو هنن اسان کي زياده کان زياده آرام ۽ سهولت فراهم ڪرڻ چاهيو ٿي. پر هتي معاملو ئي الٽو هو . افغان ميزبانن کي اڄ هڪ اهڙو پاڪستاني مهمان گڏيو هو ، جيڪو نـ فقط ان حسن سلوڪ جي موٽ ڏيڻ لاءِ تيار نـ هو ، پر انتهائي کهري انداز جو مظاهرو ڪري رهيو هو . اسانجو ساٿي مهمانيءَ جي مڙني آداب کي لتاڙي رهيو هو . هاڻ تـ هو پڙڪدي بيٺو ۽ اڙيون ڪرڻ لڳو تـ "توهين چاهيو ٿا تـ سامان وڃي. توهان کي هوٽل ڏانهن وڃڻو آهي تـ ڀلي وڃو . آءٌ هتي بيهي سامان ڪڍائي پوءِ هوٽل ڏانهن ايندس. "

برنا صاحب ، مجاهد سميت اسين ٻيا سڀ پاڻ کي شرمسار محسوس ڪرڻ لڳاسين. اسان مان هر هڪ ان ساٿيءَ کي سمجهائڻ لڳو ، تـ مهمانيءَ جا بـ ڪي آداب هوندا آهن. اها ڳالهه سونهين نـ ٿي. پر هو يار مڙيو ڪونـ. شايد هن جو بـ ڏوهه نـ هو ، هن جو اهو رويو پاڪستان جي استحصالي ۽ فرسوده معاشري جي بدولت هو. آخرڪار طئي اهو ٿيو تـ ٻيا سڀ صحافي ميزبانن سان گڏ هوٽل ويندا ، اسان جو اهو ساٿي ڀلي هوائي اڏي تي هجي. اسان پويان هن سان گڏ فوٽو گرافر واحد کي بـ ڇڏيو ، تـ هن سان گڏ هجي ۽ سامان کڻي هوٽل تي اچي.

اهڙيءَ طرح الله ڪري معاملي کي طئي ڪيو ويو . ميزبان ۽ ٻيا پاڪستاني صحافي ڪارن ۾ چڙهڻ لڳا. برنا صاحب کي پاڪستاني صحافين جي ٽيم جو اڳواڻ ڊڪليئر ڪيو ويو ۽ کيس هڪ وزير جو پروٽوڪول ڏنو ويو . برنا صاحب کي هڪ شاندار ڪار ۾ وهاريو ويو ، جنهن ۾ هن سان گڏ هڪ اعلي افغان عملدار ويٺو . اسان بـ ٽي ، ٽي صحافي الڳ الڳ ڪارن ۾ ويٺاسين ۽ هر ڪار ۾ هڪ افغان عملدار اسان سان گڏ ويٺو .

اسان کي اهو بـ ڊپ هو تـ ڪابل ۾ چڱي خاصي سردي هوندي ، سو اِهو ڊپ ختم ٿي چڪو هو . چاڪاڻ تـ سرديءَ جي ڪابـ جهلڪ نظر ڪانـ ٿي آئي. ايترو ضرور هو جو گرمي نـ هئي ۽ پگهر محسوس ڪونـ ٿي ٿيو . اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو . افغانستان ۾ بـ ٻـ ڏينهن جمعو ڇنڇر موڪل هوندا آهن. تنهن ڪري رستن تي ايڏي گهڻي رش نظر ڪانـ ٿي آئي. ان هوندي بـ چهل پهل هئي. رستن تي مرد ، زالون توڙي ٻار ايندا ويندا نظر آيا. هڪ ڳالهه محسوس ڪئي وئي تـ رستن تان هلندڙ مردن ، زالن توڙي ٻارن جي چهرن تي ڪنهن بـ قسم جي خوف ، ڊپ يا سراسمگي جا ڪي آثار نظر ڪونـ ٿي آيا ، جڏهن تـ اسان جو خيال هو تـ ۽ جيتري پروپئگنڊا ٻـڌي هئي سين ، ان مطابق ماڻهو ڊنل ڊنل ۽ هراسيل نظر ايندا. ان وقت اسان کي جيڪي عورتون رستن تي نظر

Gul Hayat Institute

آيون پئي ،تن ۾ تمام گهڻ عورتون پڙدي ۾ نظر آيون . ڪافي عورتون اسڪرٽ ۾ نظر آيون. محسوس ٿيو تہ سامراج غازي امان الله جو تختو تہ ضرور اونڌو ڪيو ، پر هن پنهنجي معاشري کي جديد بنائڻ لاءِ جيڪي قدم کنيا ،تن جو اثر نہ رڪجي سگهيو ۽ پهرين نظر ۾ افغاني معاشرو پاڪستاني معاشري کان گهڻو اڳيرو ۽ لبرل نظر آيو. ان اثر کي شايد ان ڪري بہ تقويت ملي ،جو ڪيتري عرصي کان افغانستان جا روس سان گهاٽا تعلقات رهيا ۽ افغانستان جي معاشي جوڙجڪ روس جي صلاح مشوري ۽ مالي امداد سان ٿي آهي. افغانستان ۽ روس جا ويجها ناتا فقط روس ۾ انقلاب جي اچڻ ڪانپوءِ ڪو نہ ٿيا آهن ،پر زار واري دور کان افغانستان ۽ روس وچ ۾ انتهائي ويجها ناتا رهيا آهن. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان عمل ۾ ان وقت تمام گهڻي تيزي آئي ، جڏهن افغانستان ۾ ڪامريڊ نور محمد ترهڪي جي قيادت ۾ افغان انقلاب آيو ۽ روس افغان انقلاب کي سامراج جي بدمعاشين کان تحفظ ڏيڻ لاءِ ،ان جو سچو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ نوٽ ڪئي وئي تہ افغانستان ۾ پاڪستان وانگر ليفٽ هينڊ ڊرائيو نہ ،پر رائيٽ هينڊ ڊرائيو آهي ، شايد اهو بہ ان ڪري جو افغانستان جو جديد ڪلچر روس کان متاثر آهي. ڪار ۾ پهرين تہ اسين صحافي پاڻ ۾ گپ شپ ڪرڻ لڳا سين ، پوءِ اڳيان ويٺل افغان عملدار سان رسمي لهواريون اوپاريون ڪرڻ لڳاسين. ان گفتگو ۾ ڪار جو ڊرائيور بہ انتهائي مهذب انداز ۾ شامل ٿي ويو. اسان ڏٺو تہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڊرائيور جي شريڪ ٿيڻ تي ، افغان عملدار ڪنهن بہ ناگواريءَ جو مظاهرو نہ ڪيو ،پر ڪيترين ڳالهين تي افغان عملدار ڊرائيور سان ها ۾ ها ملائي. مونکي اهو ڏسي خوشي ٿي تہ افغان انقلاب گذريل ١٠-١١ سالن دوران ، ايترو ضرور ڪامياب ٿيو آهي جو افغان معاشري جي هيٺ مٿاهيون هڪ ٻئي جي ويجهو آيون آهن. اهي طبقاتي ويڇا ڪافي حد تائين گهٽجي ويا آهن. اسان کي افغان عملدار ٻڌايو تہ ڪابل شهر ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ پراڻو ڪابل ،ٻيو نئون ڪابل.

اٽڪل اڌ ڪلاڪ جو سفر طئي ڪرڻ ڪانپوءِ اسانجين ڪارن جو قافلو چڙهائي چڙهڻ لڳو. پتو پيو تہ ڪابل جي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڪابل شهر جي هڪ پهاڙ جي چوٽيءَ تي ٺهيل آهي. جڏهن ڪارون انٽر ڪانٽيننٽل جي سامهون پهتيون ، تہ ٽڪريءَ تان ڪابل شهر جو خوبصورت نظارو نظر اچي رهيو هو. گاڏيون اچي هوٽل جي ٻاهران بيٺيون. انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڪابل جي عمارت بہ دنيا جي ٻين انٽر ڪانٽيننٽل هوٽلن جي عمارتن وانگر خوبصورت هئي. پر هوٽل وٽ اها چهل پهل نظر نہ آئي ، جيڪا عام طور تي دنيا جي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽلن وٽ نظر ايندي آهي. پهرين نظر ۾ ائين لڳو تہ ڪنهن هوٽل جو حسن ڦري ورتو هجي. ڪابل انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ڪنهن رنوڙ زال وانگر لڳي ، جنهن جو سَهاڳ ۽ سينڌ اجڙي وئي هجي. ساڳي صورتحال هوٽل ۾ داخل ٿيڻ وقت محسوس ٿي. بعد ۾ ان جو جواز بہ معلوم ٿيو. افغان انقلاب خلاف کنيل ڪات ڪهاڙن ۽ راڪيٽن جي حملن سبب ٻاهرين دنيا جا سياح توڙي واپار سانگي ايندڙن جي آمد مڪمل طور رڪجي وئي هئي. نہ تہ چون ٿا تہ ڪنهن وقت ڪابل ۽ افغانستان سياحن جي جنت هوندا هئا. تنهنڪري هوٽل انٽر ڪانٽيننٽل ۾ پڻ چهل پهل تي اثر پيو هو. ان کانسواءِ افغان انقلاب ڪانپوءِ افغانستان جا پئسي وارا ، سرندي وارا ، سرمائيدار ۽ جاگيردار ، قبائلي سردار پنهنجي پئسي سميت افغانستان ڇڏي پاڪستان ،يورپ ۽ آمريڪا ۾ وڃي رهڻ لڳا هئا. ان ڪري انقلاب ڪانپوءِ انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ يا پرڏيهي اخبارن ۽ خبر ايجنسين جا نمائيندا رهن ٿا ، يا افغان حڪومت جي دعوت تي ايندڙ ٻاهران سرڪاري مهمان انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ رهن. ان ڪري ، ڪيتري وقت کان هوٽل ۾ ڪيسينو ۽ نائيٽ ڪلب بہ بند پيون هيون. (هلندڙ)


سهڻي

هيڻين هند تان ملي سگهي ٿي

بڪ فيئر
جناح سپر مارڪيٽ ، اسلام آباد

مستحاب احمد قريشي
شڪارپور

عزيز ڪتاب گهر
بئراج روڊ ، سکر

ملڪ نيوز ايجنسي
گمبٽ

مهراڻ ڪتاب گهر
مورو

آسومل نيوز پيپر ايجنٽ
ٽنڊو آدم

اڪبرعباس نيوزپيپر ايجنٽ
خيرپور ميرس

مشتاق نيوز ايجنسي
نواب شاهہ

سنڌ ڪتاب گهر
ميرپور خاص

هلال ڪتاب گهر
ميرپور خاص

پاڪستان بڪ ڊپو
ميرپور خاص

محمد زبير نيوز پيپر اينجنٽ
ٽنڊو الهيار

ريلوي بڪ اسٽال
لاڙڪاڻو

مارئي ڪتاب گهر ۽ سنڌ ڪتاب گهر
سڪرنڊ

رشيد بڪ ڊپو
دادو

Gul Hayat Institute

# مون پڙهيو

ڪتاب : **افغانستان زوال سي عروج تڪ**

ليکڪ :ساڏن مڪرجي

ترجمو ڪندڙ: غلام رباني تابان

ڇپيندڙ: ( مڪتبہ )دانيال ،ڪراچي.

صفحا :١٤٠ - ١٤٤

سيد گيلاني : هن جي خاندان جو تعلق افغان شاهي خاندان ۽ ٻين امير ن جي حلقن سان هو. گيلاني جو پيءُ سيد حسين نقيب هو ،جنهن کي انگريز بغداد مان بمبئي کٺي آيا هئا ،۽ ان بعد ڪابل پهچايو ويو. هي وڏو زميندار ٿي ويو. جنهن جي جائداد ترڪي ۾ سيد گيلاني کي ملي. گيلاني جي زال شاهي خاندان مان آهي. افغانستان ۾ فرانسسي موٽرن کي وڪڻڻ جي واحد ايجنسي هن وٽ آهي.لنڊن ،ريوبرا ۽ پشاور ۾ هن جا عاليشان بنگلا آهن.انگريزن گيلاني کي 'پير' جو لقب ڏنو ،انهيءَ بااثر مذهبي لقب سان گڏ هن افغانستان ۾ هارين کي لٽيو.هاڻي هي پناهگيرن کي لٽي رهيو آهي. هي واشنگٽن ويو ۽ آمريڪا کان امداد گهريائين ،جيڪا جلد ۾ هن کي ڏني وئي. آمريڪا جي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ جي نيڪ خواهشن سان گڏ هو عربستان ويو ۽ اتان تمام وڏو بارود ۽ روڪ پئسا حاصل ڪيائين. سعودي وارن افغان حڪومت جي خلاف پرچار ڪرڻ لاءِ هن کي پشاور ۾ هڪ 'باغي' ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ مالي مدد ڏني.

هڪ ٻيو ليڊر آهي 'عبدالرسول سيف' هن وزن کڻڻ جي هڪ ڪمپني قائم ڪئي ۽ هن وقت هن وٽ ڏهه وڏيون وڏيون ٽرڪون آهن، باغين جي مختلف ٽولن ،جن ڪنهن زماني ۾ 'مجاهدين آزادي' جا متحده ڪمانڊر چونڊڻ خاطر 'اسلامي اتحاد مجاهدين' جو بنياد وڌو هو ، سيف کي هن جو صدر چونڊيو ويو ،پر هن جلدئي انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏني ،ڇاڪاڻ تہ اهو هلي ويو تہ هن اداري جي امدادي رقم مان ٦،٠٠،٠٠٠ ( ڇهہ لک ڊالر ) جو غبن ڪيو آهي.

هڪ ٻئي بدنام زمانہ شخص کي وٺو ، هن جو نالو آهي صبغت الله مجددي ، ڪافي عرصي تائين هن جو خاندان امان الله جي اصلاحات جي مخالفت ڪندو رهيو. بدنام زمانا ۽ انگريزن جي ٽوڊي ملا شور بازاري جي اولاد مان هي شخص آهي ،هي 'اخوان المسلمين' ۾ شامل رهيو آهي. هن جو ڪٽنب وڏو شاهوڪار هو ۽ هنکي اها بہ خبر نہ هئي تہ هن وٽ ڪيتري زمين آهي. هن جو چاچو 'هارون مجددي' مصر ۾ 'اخوان المسلمين' جو اڳواڻ هو.صبغت الله مجددي ، جمال عبدالناصر کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ حصو ورتو ،جنهن ۾ هن کي ناڪامي ٿي.٨٠ واري ڏهاڪي جي وچ ۾ عربستان جي شهزادي جي سفارش تي ،هن کي ڪوپن هيگن جي مسجد جو پيش امام مقرر ڪيو ويو هو ،بعد ۾ هي ڪابل واپس اچي ويو ۽ بادشاهہ هن کي وزير بڻايو. ڪابل يونيورسٽي ۾ هي اسلاميات جو پروفيسر بہ رهي چڪو آهي. ڪوهہ دامن ۾ هن وٽ ١،٨١٨ هيڪٽر زرعي آباد زمين هئي، ان کان سواءِ ڪابل ۾ هن جو ن اٺ مليون ۽ ٻنيهہ انگورن جا باغ هئا. بادشاهہ ظاهر شاهہ هن کي انهن شين سان نوازيو هو. جڏهن هن صاحب کان اها تمام ملڪيت ۽ حق کسيا ويا تہ هن 'مذهبي رهنما' جو روپ اختيار ڪيو ۽ 'اسلام جي حفاظت' جي لاءِ جهاد جو اعلان ڪيائين. پاڪستان ۾ هن جي ٽرانسپورٽ جي هڪ وڏي ڪمپني آهي، جيڪا 'مجاهدي گڊس ٽرانسپورٽ' جي نالي سان مشهور آهي. پهرين تہ ان جي گينگ جي شخصن انهن هارين تي حملا ڪيا، جن کي زرعي اصلاحات هيٺ حڪومت انهن زمين تي آباد ڪيو هو، جيڪي پهرين 'صبغت الله مجددي' جي قبضي ۾ هيون.

ڪافي هاري مارجي ويا ،ان کان بعد هن جي ٽولي پنهنجي ڪاررواين ۾

Gul Hayat Institute

تيزي آندي ۽ ٻين علائقن تي حملا ڪري، مسجدن ۽ اسڪولن کي ساڙڻ شروع ڪيو. هارين کي سزا ڏيڻ جو هڪ طريقو ،جنهن تي صبغت الله جو ٽولو عمل ڪندو هو ، اهو هو هارين جا نڪ ڪن ڪپيا ويندا هئا. انهيءَ طرح هي مذهبي رهنما اسلام جي حفاظت ڪري رهيو آهي.

هڪ ٻيو بدنام زمانه شخص 'برهان الدين رباني' کي وٺو ،هي افغانستان جي جماعت اسلامي جو سربراهه آهي ،هي به وڏو زميندار هو ، هن وٽ تمام وڏي زرعي زمين کان سواءِ بدخشان ۽ ڪابل جي صوبن ۾ ڪيترائي باغ پڻ هئا. هو قالين ۽ گلم به برآمد ڪندو هو. ۱۹۷۳ع ۾ حڪمت يار سان گڏهي به پاڪستان ڀڄي ويو. سي آئي اي (CIA) هن کي ڳولهي ڪڍيو. رباني دوائن ۽ نشي آورشين جو تمام وڏو اسمگلر آهي. هن اسي واري ڏهاڪي جي شروع ۾ ٺي ،امان بينڪ ۾ طفيل محمد جي نالي سا کاتو کولي ڇڏيو هو. آمريڪن جي چوڻ تي هن ايران انقلاب جي دشمنن کي لڪل طور تي بارود مهيا ڪرڻ شروع ڪيو .انهيءَ سان گڏوگڏ ٺي ، هن جو ٽولو هيروئن به اسمگل ڪرڻ لڳو. منشيات جي اسمگلنگ ڪرڻ وارا ڪيترائي افغاني هندستان ۾ پڪڙيا ويا آهن ، ۽ اسانجي حڪومت کي خدشو آهي ته انهن مان اڪثر جو تعلق رباني جي ٽولي سان آهي. حال ۾ نئي دهلي ۾ چار ماڻهن ،عصمت الله ،محمدعزيز ،عبدالغفار ۽ گل محمد جي گهرن مان ۱۴ ملين ڊالرن جي هيروئن پڪڙي وئي آهي. رباني جو ٽولو افغانستان جي پنج شهر وادي مان زمرد ۽ لاجورد لٽي پاڪستان اسمگل ڪندو آهي ۽ اتان اهي ٻاهر موڪليا ويندا آهن. هن ٽولي سان گڏ حال ئي ۾ برطانوي جاسوس اسٽور ڊبو ڊمن افغانستان ۾ ماريو ويو هو. هي ٽولو تمام هيرا ڪٽي وڃي رهيو هو. بودمن وٽ هڪ نئين قسم جو ننڍڙو ذيلي سياري جي وسيلي پيغام موڪلڻ جو آلو هو ، ان کان سواءِ وڊيو ڪئميرا ، ڪوڊ پيڊ وغيره به هئا. وڌيڪ جاچ ڪرڻ کان پوءِ لنڊن جي ڊيلي ايڪسپريس لکيو هو ته هو سابق وزيراعظم ونسٽن چرچل جو پوٽو هو ، جنهن جو نالو به 'ونسٽن چرچل' آهي ، ان قبول ڪيو آهي ته هو پرچار نشر ڪندو هو ، جيڪو افغانستان ۾ سويت فوج ۽ افغانن جي بابت ڪيو ويندو هو .(انڊين ايڪسپريس تان نقل ڪيل ،۱۰ آڪٽوبر ۱۹۸۳ع ).

پر رباني جو اصل ڪم ڪجهه ٻيو آهي. هاڻي هي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي ڇوڪرين کي زهر ڏيڻ تي وڌيڪ ڌيان ڏئي رهيو آهي (ڪابل ۽ ٻين شهرن ۾ ۱۹۸۳ع ۾ انهيءَ قسم جا ڪافي واقعا پيش آيا ،ان جو طريقي ڪار آهي پيئڻ جي پاڻي ۾ زهر ملائي ڇڏڻ ) هن جي ٽولي ڪيتريون ئي اسپتالون نيست ونابود ڪري ڇڏيون آهن. لنڊن جي ڊيلي نيو ورڪر جي مطابق(۱۳ جنوري ۱۹۸۳ع )فقط منشيات جي اسمگلنگ ۾ رباني گڏريل گرمين ۾ قريب قريب ويهه ملين افغاني ڪمايا. پاڪستان جي ضياالحق جي فوجي ڊڪٽيٽر شپ ، رباني کي هڪ پولٽري فارم ، هڪ ڪپڙي جو ڪارخانو ۽ هڪ قالين ٺاهڻ جي ڪارخاني قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي.

هڪ ٻئي مذهبي 'شخصيت' کي وٺو ، جنهن جو نالو آهي 'مولوي محمد بني محمد' .افغان حڪومت تخريب ڪار ۽ دهشت گردي جي الزام ۾ هن کي ۱۹۸۳ع ۾ گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو هو ، پر جلدئي هو آزاد ڪيو ويو. انهيءَ ڪري جو هو زميندار بنجي چڪو هو ۽ تمام پهچ وارو هو. فقط لشڪرڳڙهه ۾ هن وٽ پنج سؤ هيڪٽر کان وڌيڪ زمين هئي.۱۹٦۹ع ۾ هي افغان پارليامينٽ جو ميمبر به هو. جيل ۾ وڃڻ کان پهرين هو بادشاه جي چوڪسي جي اداري(Intelegencey) ۾ ڪم ڪندو هو ،پوءِ هي صاحب سي آئي اي (CIA) سان گڏجي ويو ۽ پوءِ اسرائيل جي لڪل خدمت 'مدسد' سان ڪم ڪرڻ لڳو. هن وقت هي نام نهاد اسلامي انقلابي تحريڪ جو اڳواڻ آهي. هن تي اهو الزام لڳايو ويو هو ته هن پنهنجي 'پارٽي' جا ۳،۰۰،۰۰۰ لک پاڪستان روپيا هڙپ ڪيا. هن ۱۴ آڪٽوبر ۱۹۸۰ع ۾ بي بي سي (BBC) کي هڪ انٽرويو ڏنو ،جنهن ۾ هن اعتراف ڪيو ته آمريڪا جي ڏنل مددي رقم سان سويت يونين جو ٺهيل بارود مصر ۾ خريد ڪيو ويو ۽ افغانستان ۾ هن جي ٽولي جي دهشت پسند ڪاررواين جي لاءِ انهن جي حوالي ڪيو ويو.

هڪ ٻيو بدنام زمانا شخص اهو آهي ، جيڪو معروف سڏرائيندو آهي. هن جو طريقي ڪار سڌو سادو آهي. بلوچستان ۾ محمد غالا جي هنڌتي ، هو مهاجرن جي ڪئمپ جو جابر بنجي ويو آهي. هن کي ۱،۲۰۰ ماڻهن جي سار سنڀال لاءِ هر مهيني ٦۰،۳۰۰ روپيا پاڪستاني ملندا آهن. جڏهن اقوام متحده جي نمائندن ان ڪئمپ جو دورو ڪيو ،ته انهن کي اتي فقط ڏهه 'پناهگيرن' مليا. سرخابا ۾ موجود هڪ ٻئي ڪئمپ ۾ اقوام متحده جي ٽيم کي ۴،۰۰۰ جي بدران رڳو اٽڪل ۱،۰۰۰ ماڻهو مليا. بلوچستان جي هن ڪئمپ جو نگران ٽي لک روپيا پنهنجي کيسي ۾ رکندو هو ، جيڪي هُن کي پناهگيرن ۾ ورهائڻ لاءِ ملندا هئا.

هڪ ٻئي شخص کي وٺو ،جيڪو USA ۾ رهندڙ افغان مجاهد آزادي آهي. هي صاحب آهي افغان قومي محاذ جو 'بشير ذڪريا' .هي USAجي ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي.هي پاڪستان۾ مهاجرن جي مرڪزن جو دورو ڪندو رهندو آهي ۽ انهن مان ڪجهه خاص خاص ٽولن کي اسلحو ۽ روڪ رقم موڪلڻ جي نگراني ڪندو آهي.

افغان انقلاب دشمنن جو آخري قابل ذڪر اڳواڻ آهي 'محمد يونس خالص' جيڪوحزب اسلامي جي هڪ ٽولي جو سربراهه آهي. هي وڏو شدت پسند آهي ۽ ڪميونسٽن جي طاقتور ٿيڻ تي هي بادشاهت کي ذميوار سمجهي ٿو. هي وڏو ڪٽر مذهبي انسان آهي ۽ چاهي ٿو ته 'اخوان المسلمين' جي وسيلي افغانستان ۾ اسلاي حڪومت ڪئي وڃي.

موڪليندڙ :انعام ڀٽي. شهداد ڪوٽ.



Gul Hayat Institute

After my death ,for the nation I shall still be Sun of their rights; my name will be the war cry of their struggle,the slogans of their hopes.
-- Napolean



# قيدي

ليکڪ :فخر زمان — ناول

هي ناول اصل ' پنجابي زبان ۾ 'بنديوان' جي نالي سان لکيل آهي. جنهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حياتيءَ جي انهن گهڙين جو عظيم داستان آهي جڏهن هُو ڪال ڪوٺڙي ۾ ڦاسيءَ جي تختي تائين وڃڻ جي او سيڙي ۾ هو. هي ڪتاب ملڪ ۾ ڊاڍ ۽ ڏمر جي حڪومت ڪري، ڀارت ۾ ڇپيو ۽ جنهنجو انگريزي ترجمو، ملڪ جي مشهور صحافي خالد حسن ڪيو، جو ڀٽي صاحب جو پريس سيڪريٽري بہ رهي چڪو آهي. هي ناول هاڻ ماڊرن ڪلاسڪ سمجهيو وڃي ٿو ۽ اِن جا ترجما انگريزي کان سواءِ ٻين بين الاقوامي ٻولين ۾ ٿي رهيا آهن. مصنف فخرالزمان پڻ پنجابي زبان جي صف اول جي اديبن مان آهي جنهنکي ١٩٨٣ع ۾ "انتر راشتري شروماني ساهتڪار" جو ايوارڊ، انٽرنيشنل ايسوسي ايشن آف پنجابي آٽرس ائنڊ آرٽسٽس ڪئناڊا طرفان مليو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڀارتي پنجاب جي يونيورسٽين جي نصاب ۾ شامل آهن.

Grass does not grow on the gallows.
--Churchil

سنڌيڪار : غلام نبي مغل

اسان تي فحاشي جو الزام هوندو آهي ڇاڪاڻ ته اسان سچ لکون ٿا. اسان مالدارن، زور آورن جي ٻچاپڙي رويي کي ظاهر ڪريون ٿا ۽ سندن ڏٺي وائٺي ڪوڙ کي وائکو ڪريون ٿا. اسان سچ لکڻ ۽ ڳالهائڻ کان ڊڄون نٿا."

ستون ڦنڪو لڳو.

"اسان عظيم ليکڪ سعادت حسن منٽوءَ جا پوءِ لڳ به آهيون، جنهن لکيو هو ته جيڪڏهن ڪو پنهنجي زماني کان بي خبر آهي ته ڪيس منهنجيون ڪهاڻيون پڙهڻ کپن. جيڪڏهن اوهان کان اهي ڪهاڻيون برداشت نه ٿي سگهن ته اُن جو مطلب آهي اوهان ناقابل برداشت زماني ۾ رهو ٿا. منهنجي لکڻيءَ ۾ ڪا بدي ناهي. جيڪا بدي مون ڏانهن منسوب ڪئي ويئي آهي سا منهنجي سماج جي آهي. مان ڪو ڇرڪائيندڙ ناهيان. مان پڙهندڙ جا جذبا ڇيڙڻ نٿو چاهيان. مان پنهنجي تهذيب ۽ سماج ڪيئن وائکو ڪري سگهان ٿو، جيڪو پنهنجو پاڻ سڄو اگهاڙو آهي."

اٺون ڦنڪو به لڳو.

"چار سؤ سال قبل مسيح جي وقت هڪ بت ٺاهيندڙ جي پٽ تي اهي الزام هنيا ويا ته هن اٿينس جي جوانن جو اخلاق تباهه ڪيو آهي. معزز ماڻهن جي اسيمبلي ڪيس ۲۸۰ ووٽن سان، ڏوهي قرار ڏيندي، موت جي سزا ڏني هئي. هن کي زهر جو پيالو ڏنو ويو هو ته جيئن هو پي پنهنجو انت آڻي. پر اڄ دنيا، الزام هڻندڙن کي نٿي سڃاڻي پر انهيءَ کي سڃاڻي ٿي جنهن زهر جو پيالو پيتو هو."

نائون ڦنڪو به لڳو.

"گيليلو تي پادرين الزام هنيا. مقدمو هلائي ڪيس سزا ڏني ويئي. هن جي پير سنيءَ جي باوجود هو حياتيءَ جا آخري ڏهه سال اڪيلائي واري قيد ۾ رهيو. پر هن جو اعلان نيٺ، موت کان پوءِ به بحال ٿيو."

ڏهون ڦنڪو:

"اها حقيقت آهي ته جڏهن ڪو مفڪر سماج جي اصولن سان ٽڪرائجي ٿو ته اهو سماج ئي آهي جيڪو پنهنجين اوڻاين کي وائکو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سماج جيترو به بيمار هوندو اوتروئي ناقابل برداشت ٿي پوندو. سماج جا گهڻگهرا هر انهيءَ ماڻهو يا تحريڪ آڏو اچي بيهندا، جيڪي سندن ٺاهيل اصولن جي خلاف آهن. جڏهن حاڪم چڱا ۽ برداشت جوڳو فيصلا نٿا ڪري سگهن ته اوهان اهوئي سمجهو هاڻ هو حڪومت ڪرڻ جهڙا نه رهيا آهن. (هلندڙ)


ماهوار

سهڻي

طرفان

عظيم شاعر

شيخ اياز

کي، سندس شاهڪار لکڻين تي

خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار

شيخ اياز نمبر

هن نمبر ۾ شيخ اياز جو هڪ اڻ ڇپيل ڪتاب الوداعي گيت ۽ مختلف دؤر جون تصويرون مختلف ليکڪن جا شيخ اياز تي لکيل خاڪا، مضمون ۽ شعر شامل هوندا لکندڙن کي گذارش آهي ته اهي شيخ اياز تي پنهنجيون لکڻيون جلد موڪلين.

Gul Hayat Institute

## هن مهيني جي شخصيت

# شمشير الحيدري

ماڻهنائو نالو: شمشيرعلي
ادبي نالو: شمشيرالحيدري
جم: ١٥- سيپٽمبر ١٩٣١ع
تعليم: ايم-اي
ڇپيل ڪتاب: لاٽ (شعر) ١٩٦١ع
ڪاڪ محل (ٽي-وي ناٽڪ) ١٩٨٧ع
سنڌيءَ ۾ آزاد نظم جي اوسر (مقالو) ١٩٨٧ع
سنڌي شاعريءَ جو اڀياس (مضمون) ١٩٨٨ع
ادبي تجربو: سنڌي ادبي بورڊ ١١ سال
نئين زندگي ١١ سال
صحافتي تجربو: هفتيوار 'پنجتني' حيدرآباد.
هفتيوار 'هلچل' حيدرآباد.
هفتيوار 'هدايت' حيدرآباد.
روزانه 'هلال پاڪستان' حيدرآباد.
روزانه 'خادم وطن' حيدرآباد.
روزانه 'مهراڻ' حيدرآباد.
'دي ڪميونيڪيٽر' ڪراچي.
ماهوار 'پارس' حيدرآباد.

**شمشيرالحيدريءَ جا ٽي شاهڪار 'ٽڪرا ٽا'**

دل جي پُرشوق دلاسن تي هليا آيا سين،
سونهن وارن جي سلامن تي هليا آيا سين:
ڪنهن شهنشاهه جو فرمان اسان تي نه هليو،
نينهن وارن جي نياپن تي هليا آيا سين.

نظر جي ڳالهه زبان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي،
اهائي ڳالهه جهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي:
هي ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾،
اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي.

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين،
سرِعام هر بات چوندا رهيا سين:
اوهان ڪيترو ئي ڏتاريو، دٻايو،
اسين رات کي رات چوندا رهيا سين.

Gul Hayat Institute

# آرسي

## ماهتاب محبوب

| | |
|---|---|
| ١ - ڄم جي تاريخ ( سن پـلـي نـ ٻـڌايو ) | ١- سن ٻڌائڻ ضروري ناهي ته پوءِ ڄم جي تاريخ ڄاڻي ڪهڙو ڪيڪ ڪاٽڻو اٿو. هونءَ به انسان جي عمر، اهو عڪس آهي، جيڪو چهري جي آئيني مان هر لمحي، هر پل ظاهر ٿيندو رهي ٿو. |
| ٢ - Zodiac نشان. | ٢- چنڊ جو تابع اُهو واحد اسٽار، جيڪو اڪثر فنڪار يا اديب جو ٿيندو آهي. |
| ٣ - ڪو اهڙو ڪوڙ - جيڪو اڪثر ڳالهايو هجيوَ. | ٣-اِهو سچ ته مان به نه ٻڌائيندس. |
| ۴ - ڪو اهڙو سچ - جيڪو ڳالهائي نـ سگهيا هجو. | ٤- اهڙا سچ، لفظن جا محتاج ئي نه هوندا آهن. |
| ۵ - خوبصورت شخصيت جو راز. | ٥- مونکي ته اهڙي ڪا به خوشفهمي ناهي. |
| ٦ - برداشت جي حد - ڪڏهن ٽٽي پوندي آهي. | ٦- ان لاءِ ڪو وقت مقرر ناهي، پر اڪثر ان مهل جڏهن ڪير تهذيب ۽ اخلاق جون حدون اورانگهڻ لڳي. |
| ٧ - نفرت ڪهڙي ڳالهه کان اٿوَ. | ٧- ڪوڙ، بہ چاپلوسي ۽ گلاخوريءَ کان. |
| ٨ - ڪهڙي ڳالهه دل کي ڏاڍي وڻندي آهي. | ٨- پرخلوص ۽ سچن جذبن جو احساس. |
| ٩ - ڪو اهڙو صدمو ، جنهنکي وساري نـ سگهيا هجو. | ٩- سنڌ ڌرتيءَ تي ٿيندڙ بي گناه ڪونڌرن جا قتل. |
| ١٠ - خواهش - جيڪا اڃا پوري نـ ٿي هجي. | ١٠- پنهنجن ۾ اتحاد ۽ ايڪو ڏسڻ جي خواهش. |
| ١١ - زندگيءَ ۾ سڀ کان وڌ خوش ڪڏهن ٿيا. | ١١- ماءُ بڻجي. |
| ١٢ - جيڪڏهن هڪ ڏينهن جي بادشاهت \ حڪومت ملي ، تـ سڀ کان اڳ ڇا ڪندا. | ١٢- اِها هڪ ڏينهن واري بادشاهي نظام سِڪي جي خلندان کي ئي سونهين. |
| ١٣ - چريائي جي حد تائين ڇا وڻندو اٿوَ. | ١٣- انب، آئيس ڪريم ۽ چاڪليٽ وڻندا آهن، پر چريائي جي حدن تائين نه. |
| ١۴ - رائيٽر جي بدران فنڪار هجو ها ، تـ ڇا بڻجڻ پسند ڪريو ها. | ١٤- چترڪار. |
| ١۵ - جيڪڏهن اوهين ڪنهن پارٽيءَ جا ليڊر هجو ها تـ ڇا ڪريو ها. | ١٥- دعوائون، وعدا ۽ بي وفايون. |
| ١٦ - موڊ لکڻ جو- رڏٺو پوي ٻور-تـ پوءِ. | ١٦- زندگي ۾ ترتيب هجي ته پوءِ ٻئي ڪم سنڀالڻ ڪو مسئلو ناهي. |
| ١٧ - خدانخواستہ جيڪڏهن لکڻ تي پابندي وڌي وڃي - تـ پوءِ. | ١٧- جيڪو اديب پنهنجي قلم ۽ جذبي سان سچو آهي ان لاءِ پابنديون يا بندشون ڪا معني نٿيون رکن. |
| ١٨ - موڊ جا غلام آهيو - يا موڊ اوهانجو غلام آهي. | ١٨- شايد ٻئي هڪ ٻئي جا. |
| ١٩ - اُداس لمحا ڪيئن گذاريندا آهيو. | ١٩- بي پناه سوچن جي وِنڊَ ۾. |
| ٢٠ - جيڪڏهن برقعو پائڻ لازمي ٿي وڃي تـ. | ٢٠- ڊزائينگ جا ماهر ۽ جدت پسند ان ۾ به ايڏيون ته گهڻيون تبديليون آڻيندا جو برقعو، برقعو لڳڻ بدران قابل رشڪ فيشن بڻجي پوندو، جنهنکي پائي هرڪو همرچو همرچو ڇٽي خوشيءَ مان هوا جي گهوڙي يا اُٺ تي پيو اُڏامندو. |
| ٢١ - دعا ۾ ڇا گهرندا آهيو. | ٢١- بنا عبادتن ۽ بندگين جي، دعائون گهرڻ ائين آهي جيئن بنا محنت جي، اجوررو وٺڻ. هونءَ رب العالمين کان دلين جا حال ڳجها ناهن. هو بنا گهرڻ جي به حال ڏسي، پال، ڪندو. |
| ٢٢ - ڊپ ڇا کان ٿو لڳي. | ٢٢- فتني بازن ۽ منافقن کان. |
| ٢٣ - وڻندڙ ليڪ - ۽ وڻندڙ ڪتاب. | ٢٣- هر سچو ۽ جرئت مند ليڪ وڻندو اٿم، جڏهن ته زندگيءَ جو هر ورق وڻندڙ ڪتاب جيان لڳندو آهي. |

Gul Hayat Institute

"بس ائين ئي."

" پر نيٺ اهو ڪيئن لڳئي."

" يار ، تون تہ وڪيلن وارا سوال ٿو ڪرين ، " هن بيزاريءَ مان چيو.

" بس چيو مانءِ نہ تہ ڏک لڳو آ."

مون ڪئي ماٺ ڪئي. مونکي هن جي عادت جي خبر هئي. مان ڪئي ڀاڻ مٿان ڪيرايان ها تہ بہ هو نہ ٻڌائي ها.

ان ڪانپوءِ ٻہ ٽي ڏينهن گذري ويا. ماه جبين يونيورسٽي ڪانہ آئي. هڪ ڏينهن مون ڪانئس پڇيو ، " يار ، هيءَ ماه جبين ڇو ڪونہ ٿي يونيورسٽيءَ اچي؟ "

" مون کي ڪهڙي خبر؟ مان ڪو ماه جبين جو پي - اي آهيان؟ " هن لاپرواهيءَ مان چيو.

" تون هن جو پي - اي نہ هوندين...هوءَ تہ تنهنجي مومل آهي؟ "

هن ڪجهہ نہ ڪڇيو ، پر بي اختيار مُرڪ سندس چپن تي پکڙ جي وئي.

ان ڏينهن منجهند جو مان لئبرريءَ ۾ ويٺو ڪتاب ڳولهي رهيو هوس تہ اطهر منگي اچي منهنجي ڀر سان ويٺو ، ۽ رازداريءَ واري نموني چيائين ، " يار ، تو وارو خانو رلي نہ وڃئي."

" ڇو؟ " مون اچرج مان ڏانهنس ڏٺو.

" مار ، ڇڻ تو کي خبر ئي ڪانهي."

" ڪهڙي خبر؟ " مان ويتر وائڙو ٿي ويس.

يار ، سچ پچ مون کي ڪا بہ خبر ڪانهي."

" يار ، اها تہ ڄاڻ اٿئي نہ تہ ماه جبين ڀهريائين لاشاريءَ کي ڪنوينس ڪيو هو."

" ها."

" پر پوءِ سندس سڄي گروپ رشيد کي ووٽ ڏنو."

" ها."

" بس سڄي فساد جي پاڙ اها آهي ، " اطهر چيو. " لاشاريءَ کي ماه جبين تي خار هئا. دعوت واري رات لاشاريءَ زري گهڻ ماريو هوس ، پر تو وارو خانو وچ ۾ ٽپو ڏئي پيو. ڏک ڏاڍا لڳس ، پر... آهي مڙس ماڻهو ، ٽن ڇئن کي پڄائي ڪديائين."

" پوءِ؟ " مون پڇيو.

" پوءِ پنهنجي سر وڃي ڇوريءَ کي گهر پڄائي آيو ، " اطهر چيو. " پر يار ، لاشاري ڇڏيندس ڪونہ! تو کي تہ خبر آهي لاشاريءَ کي ڪيڏي پٺ آهي."

اهو سمورو ڏينهن منهنجو خارون ڪائيندي گذريو. رات جو جڏهين خان محمد دير دير سان روم تي آيو تہ مان سندس منتظر ويٺو هوس. ڪيس ڏسندي مان هڪدم شروع ٿي ويس ، " يار ، تون ڪهڙي قسم جو پارٽنر آهين... سڄي دنيا کي تہ خبر پئجي وئي ، لڪائين رڳو مون کان پيو...جي ڏک لڳو آهي."

مطلب تہ مان بنا فل اسٽاپ جي ڪيس سڏيون ٻڌائيندو رهيس.

هن بوٽ لاٿو ، هڪڙو پادر هڪڙي پاسي ٻيو ٻي پاسي اڇليو. ڪجهہ دير ماٺ ۾ منهنجي بڪ شڪ ٻڌندو رهيو. جڏهين مان ڪيس مهڻا ڏئي ٿڪس تہ هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ گنڀيرتا سان پڇيائين ،

" يار ، ماه جبين تنهنجي ڇا لڳي؟ "

" ڪجهہ نہ. " مون ورائيو.

" پوءِ ڪهڙي ضرورت هئي جو ماه جبين جي واقعي جي رپورٽ اچي تو کي ڏيان ها."

" پر ان واقعي ۾ تون بہ تہ انوالو آهين نہ ... ڇا تو سان منهنجو ڪو بہ ناتو ڪونهي. " بيو سيءَ وچان منهنجين اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. خان محمد جو منهن هڪدم ڦري ويو. هو اٿيو ۽ پيرين اگهاڙو هلي اچي منهنجي ڀر سان ويٺو. منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين ، " نازڪ يار ، منهنجو فڪر نہ ڪندو ڪر... مان تہ سڀ ناتا ٽوڙي رڻ جهاڳڻ نڪتو آهيان."

" تہ پوءِ تون ڪهڙي ناتي جي حوالي سان ، ماه جبين خاطر لاشاريءَ جهڙي غنڊي سان ڪوئنس ڦٿائي ٿو ڪرين؟ "

" تہ ڀلا ماه جبين کي لاشاري جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏيان ها؟ "

" هڪڙو تون ئي تہ چڱائيءَ جو ٺيڪيدار ناهين سڄي يونيورسٽيءَ ۾. ماه جبين ڄاڻي لاشاري ڄاڻي ، تون ڇو ٿو پنهنجي لاءِ وير وهائين؟ "

" نازڪ ، " هن خفي ٿيندي چيو. " تون انسانيت جي ڪهڙي اسٽيج تان ٿو ڳالهائين؟ "

" مان سچ ٿو چوان يار. لاشاري ڏاڍو زوراور ماڻهو آ ، تون هيڪلي سر هن سان پڄي نہ سگهندين."

" ڏٺو ويندو. " هن لاپرواهيءَ سان چيو ۽ وڃي کٽ تي سمهي پيو.

ماه جبين چار ڏينهن غائب رهي. پنجين ڏينهن تي يونيورسٽي آئي تہ سندس ڪائنات ئي بدليل هئي. هن ۾ اڳي وارو غرور ۽ هٺ بنهہ ڪونہ ٿي نظر آيو. خان محمد کي ڏسندي ئي هن جو نظرون جهڪي وينديون هيون ۽ هوءَ پاسو ڪري هلي ويندي هئي. هاڻي ساڻس گڏ هڪ باوردي ڊرائيور ساڻ ايندو هو. جيڪو سمورو وقت گاڏيءَ جي ڀر سان ويٺو هوندو هو. خان محمد بہ ان سڏي طرح مٿس نظرداري پيو رکندو هو. آخري ليڪچر ڪانپوءِ اسان ٽئي سندس ڪار جي آسپاس موجود هوندا هئاسين ، ايستائين جو هوءَ ڪار ۾ ويهي رواني ٿي ويندي هئي.

ان ڏينهن جاپاني شاگردن جو هڪ ٽولو يونيورسٽي گهمڻ آيو. اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ پڻ هو ڪافي وقت موجود رهيا ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون. هنن جي رواني ٿيڻ ڪانپوءِ اسين ٻاهر نڪتا سين. رهيل ڪهيل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪي بس ۾ ۽ ڪي پنهنجين سوارين ۾ پنهنجن گهرن ۽ هاسٽلن ڏانهن روانا ٿيا. آخر ۾ وڃي ماه جبين جي ڪار بچي. ماه جبين بہ ڪار ۾ وڃي ويٺي تہ ڊرائيور ڪار ڦيرائي روانو ٿيو. خان محمد ۽ مان اطمينان جو ساهہ کڻي هاسٽل ڏانهن روانا ٿيا سين تہ اوچتو ڪار جو ڇيڪاٽ ٻڌو سين ، اسان هڪدم ڪنڌ ورائي ڏٺو سين ، فزڪس ڊپارٽمينٽ جي پٺيان اڇي رنگ جي ڪار نڪري ماه جبين جي ڪار جي پٺيان رواني ٿي. خان محمد مونکي ٻانهن کان وٺي گهليندو پارڪنگ سائيڊ ڏانهن ويو. جتي فقط هڪ اسڪوٽر بيٺو هو. ان وقت ئي فزڪس ڊپارٽمينٽ وارو سائين مظفر علي اندران نڪري اسڪوٽر ڏانهن وڌيو. سائين مظفر عليءَ سان خان محمد جي ياراڻي هئي. هو تڪڙو ڏانهنس وڌيو ، ۽ تڪڙ ۾ چيائين ، " سائين ، جلدي ڪيو چاٻي ڏيو."

" ڇو؟ڇو؟ " سائين مظفر علي بدحواس ٿي ويو.

" اها ڳالهہ مونٽي اچي ٻڌايانوَ ٿو... اول چاٻي



Gul Hayat Institute

۽ ان عاليشان بنگلي کي ڏسي احساس ٿيو ته ماه جبين ڪيڏي وڏي گهر جي ڇوڪري هئي. ان بنگلي جي سينگاريل سنواريل ڊرائنگ روم ۾ مان ڊي - سي مشتاق احمد سان مليس. هو پنجاهه کان مٿي عمر جو ڪلين شيو ، باوقار ماڻهو هو. دعا سلام ڪانپوءِ هن پڇيو :"مسٽر محمد صالح عارباڻي ، مون تو کي ان ڪري گهرايو آهي ، جو مونکي خبر پئي ته تون عبدالرسول عارباڻي جو پٽ آهين . عبدالرسول ۽ مان عليگڙهه ۾ گڏ پڙهيا آهيون ، هي واز اي ويري نائيس مين ، اينڊ ڊيئر فرينڊ آف مائن."

مون حيرت مان ڏانهنس ڏٺو .

" ها ، اها حقيقت آهي ، پر گذريل پندرنهن سورنهن سالن کان اسان جي ملاقات نه ٿي آهي. بس... هر ڪنهن کي پنهنجيون پنهنجيون مصروفيتون وڪوڙي ويون آهن."

هو ڪجهه دير چپ رهيو پوءِ چيائين ،" محمد صالح ، ڳالهه وڏي به آهي ڏکي به. بدقسمتيءَ سان مون کي رڳو نيائين جو اولاد آهي. مان ڌيءَ جو پيءُ آهيان گهڻتائي هر حال ۾ منهنجي آهي. مون ٻڌو آهي خان محمد تنهنجو گهاٽو دوست آهي. تون ڪيس هدايت ڪر."

"ڊي - سي صاحب ، اوهين خان محمد سان مليا آهيو ؟" مون پڇيو.

"نه." هن وراڻيو.

"ته پوءِ اوهين هڪ ڀيرو ساڻس ملي ڏسو. مون کي اميد آهي اوهين ڪيس پسند ڪندؤ."

" محمد صالح ، مون کي هن سان ملڻ جو نه شوق آهي، نه وقت ۽ نه ان ڳالهه جي ڪا گنجائش. اسان برادريءَ کان ٻاهر سڱ نه ڪندا آهيون."

" اوهين پڙهيل ڳڙهيل ٿي ڪري اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو."

" مان پنهنجن خانداني روايتن جي انحرافي نه ٿو ڪري سگهان. مان پنهنجي برادريءَ جي هٿان مجبور آهيان."

" ڪڏهن ڪڏهن اولاد جي خوشين خاطر پنهنجين مقرر ڪيل حدن کان نڪرڻ به گهرجي."

" مسٽر عارباڻي ،" هو تپي باهه ٿي ويو. "تنهنجي عمر کان منهنجو تجربو وڌو آهي. تون مونکي چا ٿو سمجهائين. اها اولاد جي خوشي نه ، پر وقتي ناداني آهي ، جيڪا وقت گذرڻ سان ختم ٿي سگهي ٿي ۽ باءِ دي وي ، جڏهين منهنجي خاندان ۾ هڪ کان هڪ پڙهيل اعلي عهديدار نوجوان موجود آهن ، ته مون کي ڪهڙي ضرورت آهي ته هڪ رولو ۽ آواره ڇوڪري لاءِ ڪنسيڊر ڪيان ، جيڪو ٻي ٽين ڏينهن ٿو جيل ۾ پوي."

مان ڪيس سلام ڪيو ۽ چپ چاپ اٿي آيس. مون اها سموري ڳالهه خان محمد کي ٻڌائي ، پر هو ڪجهه نه ڪڇيو. مون کي چڙ وٺي وئي . هو ايڏو ته اونهو هو ، جو ڪنهن به ڳالهه جو ردعمل سندس منهن تي ظاهر نه ٿيندو هو .

ويهين آڪٽوبر تي پوليس وارا اوچتو سميجي کي سندس ڪمري مان پڪڙي ويا. هو تحريڪ جو سرگرم رڪن هو. سميجو دلبر ماڻهو هو. ڪچهرين جو مور هو. ان ڪري هن جي اوچتي پڪڙجي وڃڻ تي سيني کي رنج ٿيو. ٽين ڏينهن يونيورسٽي ۾ سميجي جي گرفتاري ۽ مٿس ٿيندڙ ٽارچر تي تڏو احتجاج شروع ٿيو. چوٿين ڏينهن شاگردن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو. پنجين ڏينهن يونيورسٽي روڊ ۽ ساڻس ملحق رستن جي ناڪابندي ڪيائون. پنجويهن تاريخ تي يونيورسٽي ڪيمپس جي اڳيان ٻه سو شاگرد اچي مڙيا ۽ سميجي جي گرفتاري تي احتجاجي نعره هڻڻ لڳا. انهن ۾ مان به شامل هوس. پر خان محمد سيني کان اڳ ۾ هو. ان وقت مون لا شاري گروپ کي ميڙ ۾ شامل ٿيندي ڏٺو ۽ اختلافي نعرن جا پڻ آواز ٻڌا. پوءِ سڄو وايو منڊل ئي بدلجي ويو. هڪ ٻئي جي گريبانن ۾ هٿ پئجي ويا. ۽ مارڪٽ شروع ٿي وئي. اڌ ڪلاڪ اندر پوليس ڳاڏين جا سائرن ٻڌڻ ۾ آيا ۽ پوليس اچڻ شرط بنا ڪنهن وارننگ جي فائرنگ شروع ڪئي ۽ جوان گوليون کائي ڪرڻ لڳا. پوءِ ته ڦڙڦوٽ پئجي وئي. سڀ ڇوڪرا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا." فائرنگ بند ڪيو... " خان محمد پوليس ڏي منهن ڪري رڙيون ڪيون. "هت ڪنهن وٽ به هٿيار ڪونهي ... بند ڪيو... ناحق خون بند ڪيو."

هو ڊوڙندو پوليس ڏانهن ويو. بندوق جي هڪ گولي سندس ڏوري کي چيريندي هلي وئي. ان وقت گوڙهن واري گيس جو بم اڇلايو ويو ، جنهن ڪري منهنجين اکين اڳيان دونهون ڇانئجي ويو ۽ مان منهن لڪائي وٺي ڀڳس.

پوليس ۽ شاگردن جي وچ ۾ لڳل چڪريءَ ۾ ست ڄڻا مئا ، ڪيترائي ڦٽيا. پنجاهه ڄڻا گرفتار ڪيا ويا. جن ۾ خان محمد به شامل هو. خان محمد زخمي هو ، ان ڪري ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو . ڪنهن کي به ساڻس ملڻ نه ڏنائون.

يونيورسٽي غير مقرر وقت تائين بند ڪئي وئي. هاسٽلون زبردستي خالي ڪرايون ويون. آءُ به پنهنجي بيگ کڻي حيدر آباد پنهنجي هڪ پري جي مائٽ وٽ وڃي رهيس. گهران ٽيليفون مٿان ٽيليفون ٿي آئي ، ته مان هڪدم گهر روانو ٿي وڃان ، پر مون کي خان محمد جي ڳڻتي هئي. هو ڏانهن ماه جبين به تمام گهڻي پريشان هئي. ۽ هن جو سموريون اميدون مون سان ڳنڍيل هيون ، ته مان ئي ڪيس خان محمد جو احوال ٻڌائي سگهيس ٿي.

مان وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ ايس - پيءَ سان وڃي مليس ۽ ڪيس گهڻيون ئي منتون ڪيم ته هڪ دفعو خان محمد سان ملڻ ڏيو. ايس - پيءَ مون کي پير کان مٿي تائين چتائي ڏٺو ۽ کهري آواز ۾ چيائين ،

"تون ڊي - جي عبدالرسول عارباڻيءَ جو پٽ آهين نه؟ عارباڻي امن پسن ماڻهو آهي. سدائين حڪومت جو ساٿ ڏنو اٿئين. عارباڻي جي سر ڏي ڏسي ڇڏي ٿو ڏيانءِ ، نه ته خان محمد سان گڏ تو کي به بند ڪري ڇڏيان ها."

" ايس - پيءَ صاحب ،" مون ڪيس عاجزيءَ سان چيو." مان رڳو خان محمد کي ڏسڻ ٿو چاهيان. هو منهنجو دوست آهي مون کي رڳو هن جي خيريت پڇڻ ڏيو."

" بابا ، اسان کي حڪومت جون سخت هدايتون مليل آهن ، مان تو کي اهڙي اجازت نه ٿو ڏئي سگهان. البت تون دلجاءِ ڪر. خان محمد معمولي زخمي هو. هاڻي ٺيڪ آهي."

" سائين... ،" مون ڊڄندي ڊڄندي چيو." خان محمد هينئر ڪٿي آهي ؟"

" في الحال ته هتي آهي پر جلدئي خان محمد

Gul Hayat Institute

" مان چوندي چوندي رڪجي ويس.
هوءَ هوري هوري مُرڪي ۽ چيائين ، " ادا ، مان ٻُئي هنڌ ڪيئن وڃان ها. تو ڪي تہ ٻڌايو هيم تہ منهنجي لاءِ رڳو هڪڙي ئي واٽ آهي ، جيڪا جيڪب آباد ڏانهن وڃي ٿي. "
" ادي ، پوءِ ماڻهن تو کي ڇڏي ڏنو ؟ " مون حيران ٿي پڇيو.
" هنن پهريائين تہ مون کي تمام گهڻو مجبور ڪيو. آخر لاچار ٿي مون کين ٻڌائي ڇڏيو. "
"ڇا؟"
" اهو ئي تہ خان محمد ۽ مون چوريءَ نڪاح ڪيو هو. "
مون ڇرڪ ڀري ڏانهنس ڏٺو. هن جي نڪ ۾ خان محمد واري پارايل هيري جو ڪوڪو اڃا تائين موجود هو.
"پوءِ.... ؟" مون پڇيو.
" پوءِ هنن مون کي ڇڏي ڏنو ۽ مان هيڏانهن هلي آيس. "
" هيڏانهن ڇو ؟ "
" ان ڪري جو مونکي آخرڪار هتي ئي تہ اچڻو هو نہ ، خان نہ هو تہ هن جي ابهم پٽ ۽ ضعيف ماءُ کي سهارو ڏيڻ تہ منهنجو فرض هو نہ... " هن مضبوط لهجي ۾ چيو. " ادا عارباڻي ، مان هنن کي بي سهارو ڇڏي وڃي ڪو ٻيو گهر وسايان ها تہ خان مونکي ميار نہ ڏي ها. "
مان چپ چاپ کيس ڏسندو رهيس. ۽ پوءِ آهستي پڇيم ، " ادي ماه جبين تو ۽ خان محمد ڪڏهين نڪاح ڪيو هو ؟ "
هڪ ان لکي مُرڪ ماه جبين جي چپن تي تري آئي. هن چيو ، " نڪاح تہ هن دنيا جي ريت آهي ادا عارباڻي. مان تہ ازل کان خان جي ٻول ٻڌل هيس. تون ئي ٻڌاءِ روح جو رشتو مضبوط آهي يا ريت جو ؟ "
مان ڪي ساعتون سانت ۾ ويٺو رهيس پوءِ آهستي پڇيم ، " مهراڻ کي ان ڳالھ جي خبر آهي؟ "
" نہ. " هن وراڻيو ، " هنن سان رهڻ لاءِ ريت جي رشتي جو حوالو ڏيڻ ضروري هو. "
" تو کي پنهنجي فيصلي تي پڇتاءُ تہ نہ ٿيو ؟ " مون پڇيو.
" ڪڏهين بہ نہ ، " هن اٽل لهجي ۾ چيو. " مون ڪو بہ غلط فيصلو نہ ڪيو آهي. هن سرويچ جيڪا جنگ جوٽي هئي اها مهراڻ کي جاري رکڻي آهي. ۽ هن جو اڌ ۾ ڇڏيل ڪم پورو ڪرڻ مون تي فرض هو ....زندگيءَ جون چند گهڙيون ئي تہ سندس نالي تي گهاريون اٿم. سي تہ اونهيئن بہ کيس سونپيون هيم. هو هجي نہ هجي ، هيءَ حياتي ان جي عنوان سان ئي گهارڻي هئي نہ. "
" هنيئن دنيا تياڳي ڇڏڻ سولو ڪم ناهي. " مون چيو.
" اهو تہ مومل جو مُرڪ هو... هن مونکي مومل جو نالو ڏنو هو ، سوپلا مومل ڪيئن پنهنجو مَرڪُ لڄائي ها ؟ "
" ادي ماه جبين ، تون اڃا تائين شاھ جو رسالو پڙهندي آهين ؟ " مون ميز تي رکيل شاھ جي رسالي ڏانهن ڏسندي پڇيو.
" ها ، " هن ڏکهو ساھ کڻي چيو. " هن مقدس ڪتاب ۾ تہ اهي ڳجهہ لکيل آهن ، جن کي پروڙي پتنگ پاڻ کي باھ ۾ اڇلائيندا آهن. سهڻيون ڏسي وائسي ڪچي گهڙي تي درياھ ۾ گهڙنديون آهن. راءِ ڏياچ سُر جي سوال تي سِر وڍي ڏيندا آهن ۽ موملون ڪاڪ محل ڇڏي جوڳياڻيون بڻجي فقيري اختيار ڪنديون آهن. "
۽ جڏهين مان ماه جبين کان موڪلائي گهر ڏانهن وڃي رهيو هوس تہ مون کي بہ شاھ جو هڪ بيت هر هر ياد ٿي آيو.
" سوڍا! سور سڪائيون اکيون آب نہ ڪن ،
راتي جي رهاڻ کي وروٽيون وڃن ،
سي ڪيئن ميڙا مڃن ، جي تو سوري چاڙهيون.

---

آزادي ڪڏهن بہ پنڻ سان پلئہ نہ پوندي آهي، آزادي سدائين کسي وٺبي آهي. آزادي جي قيمت خون آهي. اسان ڪنهن ڌارئي ملڪ کان آزاديءَ جي صدا نہ ڪنداسون. بلڪ قيمت ادا ڪري وٺنداسون. ان جو ڪو بہ فڪر نہ آهي تہ آزادي جي قيمت ڪيتري بہ مهانگي پوي.

- سباش چندربوس

ناڪامين جو صدمو، مشڪلاتن جو تصور، خطرن ۽ آفتن جو ڊپ، اهي سڀ شيون انسان جون دشمن آهن. جيڪي انجي عزم ۽ حوصلي تي حملو ڪنديون آهن، جيڪي قومون زنده آهن، انهن جي لاءِ هتن مان ڪابہ شيءِ رڪاوٽ وجهندڙ ناهي.

- ابوالڪلام آزاد

جيڪڏهن انسان آزاد پيدا ٿيو آهي تہ هن کي اڪيلي سر پاڻ تي حڪومت ڪرڻي آهي، جيڪڏهن انهن انسانن تي ڪو ظالم مڙهيل آهي تہ انجي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ گهرجي.

- والٽئر

خدا مونکي منهنجي دوستن کان محفوظ رکي، دشمنن کي تہ مان پاڻ ئي منهن ڏيندس.

- والٽئر

جيڪا زندگي عمل سان ڀرپور آهي، اهائي ڊگهي زندگي آهي.

- ليونارڊو ڊا ونسي

Gul Hayat Institute

خادم ٻگهئي جو شمار اڀيا نون ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هڪ ٻئي پنيان سهڻي ۾ هي سندس ٽين ڪهاڻي آهي. انهيءَ کان علاوه سندس ٽي ڪهاڻيون ٻين پرچن ۾ به ڇپجي چڪيون آهن.

خادم ٻگهيو

# من جي منڇر

"سائين توهانکي ٻيڙي گهرجي."

کهرن هٿن جو ڇهاءُ محسوس ڪندي، آءُ خيالن مان ڇرڪجي ٻاهر نڪري آيس. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو ته هڪ ٽيهن سالن جو جوان، جنهن کي نيرا ڪپڙا پاتل هئا، منهنجي پرسان بيٺو هو. هنکي ڪاري ڇاپهين ڏاڙهي رکيل، رنگ سانورو ۽ اکيون ڳاڙهيون هئس. سندس چهري مان معصوميت پئي بکي.

"ها مون کي ٻيڙي گهرجي. مونکي اڄوڪي رات منڇر تي گذارڻي آهي. پر تون پئسا گهڻا وٺندين؟" مون هن کان پڇيو.

"سائين توهان سان ڪهڙو ليکو، غريب ماڻهو آهيون، ڪيترن ڏينهن کان پتڻ ئي نه لڳو آهي. بس توهان ايترا ڏوڪڙ ڏئي ڇڏجو، جنهن مان اَن جي ٻوري وٺي، سڄو مهينو ڪن ڪاٽي، توهان کي دعائون ڪيون." هن جو ڳالهائڻ ڏاڍو غمگين ۽ دل کي وٺندڙ هو. دل چاهيو ته هو ڳالهائيندو رهي.

"ٺيڪ آهي، تون ٻيڙي کاهي اَچ، ۽ مون کي ڪنهن سُڪون ۾ واري جاءِ تي ڇڏي اَ، جتي گوڙ گهمسان نه هجي، جلدي ڪر، پريان ڏس سج به لهڻ وارو آهي. اونداهه ٿيڻ کان اڳي، مون کي ڪنهن جاءِ تي ٽانيڪو ڪري اَ." مون هنکي چيو.

اُهو مهاڻو مون سان وڌيڪ ڳالهائڻ کان سواءِ، اڳتي وڌي ويو. مون ڏٺي ۽ ويڪري منڇر تي، گهري نظر وڌي ته مونکي سياري جي شام جي سانوري سُونهن ۾، ڍنڍ جي ماحول تي، خاموشي ۽ اُداسي جو عالم ڇانيل لڳو. هيٺ منڇر جي ڪناري سان، ويهارو کن ٻيڙيون بيٺيون هيون ۽ پاڻي جي ڇُولين تي ڇُلي رهيون هيون، جن ۾ منڇر جي غريب مهاڻن جا، سادا سُودا گهر هئا. اُن کان ٿورو اڳتي، اُولهه ڏي وهي ويندڙ منڇر جي ٻنهي ڪنارن سان، ٻين مهاڻن جا مٽيءَ مان ٺهيل گهر هئا. جن جون قطارون پري کان ڏسڻ ۾ پئي آيون. ڪجهه گهڙين کان پوءِ اهو مهاڻو هڪ ننڍڙي ٻيڙي کاهي آيو. ٻيڙي ۾ اڌوراڻو ۽ ڏرتيءَ جهڙو ميرو هنڌ وڇايو رکيو هو. هن ڪلهي تان پوتڙو لاهي، هنڌ کي ڇنڊيو. مان ٻيڙي ۾ چڙهڻ لاءِ، جيئن اڳتي وڌيس ته هڪ درد ڀري دانهن تي ڇرڪي ويس.

"او ادا مسافر، خدا جي نالي تي، اسان تي رحم ڪري اسان کي ڪجهه ڏئي وڃ، ڪيترن ڏهاڙن کان، پيٽ بکئي ۾، ان ڪڻو نه پيو آهي. بک بي حال ڪري وڌو آهي. اسان جي ڪوبه واهر ڪرڻ وارو ڪونهي. اڙي او بک تا مرون. اسان تي قياس ٿو اچئي."

مون ڏٺو ته منهنجي سامهون، ٻيڙيءَ ۾ هڪ پوڙهو ۽ پوڙهي ڇنل ۽ پراڻي رِلهي ويڙهيو، سيءُ ۾ ڏڪي رهيا هئا. ٻنهي جي عمر گهٽ ۾ گهٽ ستر سال کن هوندي، سندس جُهور چهرن تي، گذريل وقت جي

Gul Hayat Institute

ڪندا هوندا. منهنجو هن دنيا ۾ ڪير بہ ڪونہ آهي، آءٌ اڪيلي آهيان." هن جو چهرو روئڻهار ڪوٿي ويو.

هن مون سان چند لفظ ڳالهايا تہ سهي، پر هن جو چهرو اُداس ٿي ويو. هن جي واتان، هن جي زندگي جي مختصر ڪهاڻي ٻڌي مونکي هن سان ويتر همدردي ٿي پئي ۽ مون هنکي چيو، "تون هھڙي سجيءَ جاءِ تي، هن سردي ۾ مون سان اڪيلي گڏ رهي ڇا ڪندينءَ. آءٌ تہ مٿي ڦريل ماڻهو آهيان، ۽ منڇر جي سُونهن ڏسڻ آيو آهيان."

"تون سمجهين ڇو ٿو. منڇر جي سُونهن ڪٿي آهي جو تون ڏسڻ آيو آهين. منڇر تہ گهڻا سال اڳي مري وئي. هن ڍنڍ جي اصلي سُونهن تہ اسان ڏکيا ۽ بکيا ماڻهو آهيون. پوءِ تون اسان جي بربادي ڏسڻ آيو آهين ڇا؟ توکي اسان تي رحم ٿو اچي. آءٌ تو سان گڏ، سڄي رات رهڻ ٿي چاهيان، توکي منهنجي ضرورت پوندي، آءٌ تنهنجو ساٿ ڏيندس ۽ صبح جو سج اُڀرڻ کان اڳي هلي ويندس." هن جذباتي ٿي چيو.

هن جي آخري لفظن کي ٻڌي، مون کي سڀ ڪجھ سمجھ ۾ آيو تہ هو هرهر مون کي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ ڇو چئي رهي هئي. مونکي تہ يقين ڪونہ ٿي آيو تہ ڪو هوءَ اهڙي ٿي سگهي ٿي. مون هنکي نظرون چورائي ڏٺو ضرور هو، پر هن لاءِ منهنجي من ۾ ميرائي نہ هئي. مون ڪجھ گهڙيون اڳي هن کي پيار ڀرين نظرن سان ڏٺو، ۽ هن جي سهاجهي مورت تي، مون کي پيار ٿي آيو، پر هن اها ڳالھ چئي، منهنجي من کي ڍونڍاڙي وڌو هو. منهنجو هٿ پاڻمرادو هوا ۾ اپو ٿيو ۽ زوردار چماٽ لاءِ، هن جي ڳلن ڏي وڌيو، تہ هن جون حيرت مان اکيون ڦاٽي ويون، تڏهن مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ منڇر سُتل ننڊ مان، ڇرڪ ڀري اُٿي پئي آهي. هوءَ اُوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳي.

"مون کي تون مار. توکي حق ٿو پهچي، ڇو تہ آءٌ خراب آهيان، منهنجو ڪوبہ ڏوھ ڪونهي. آءٌ ڏکي ۽ بکي آهيان، آءٌ پلا ڪاڏي وڃان، هڪ ٻہ پيري پاڻ کي، منڇر جي حوالي ڪيو اٿم، پر هر پيري موت مونکي زندگي جي ڏکن جي ڄار ۾، ڦٿڪڻ لاءِ ڇڏي ويو آهي." هن روئيندي چيو.

هن جي روئڻ تي، هن جي صورت رحم جهڙي ٿي پئي. مونکي، جذبات ۾ اچڻ جو احساس ٿيو، مون سوچيو تہ مون هڪ ڏکويل کي همدردي ڪرڻ جي بجاءِ ويتر ڏکايو آهي. مون هن جي غريبت سان مذاق ڪيو آهي. مون هنکي ڪجھ ڏنو ٿئي تہ ڏکايو ڇو؟ هوءَ تہ مجبور هئي، ماڻهو مجبوريءَ ۾ خبر ناهي ڇا ڇا ڪندو آهي. هن تہ پنهنجو جسم وڪيو هو، سوبہ پيٽ بکئي کي ڀرڻ خاطر. منهنجي نظرن ۾، هن لاءِ پيار موٽي آيو. مون اڳتي وڌي، هن جي ڪلهن تان پوتي لاهي، هن جي اگهاڙي مٿي کي ڊڪيو، تہ هوءَ بي اختيار منهنجي ڇاتي ۾، مُنهن لڪائي، ٻارن جيان سُڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

هن جي عمر ڇا هئي، هوءَ تہ اڃان ننڍڙي ٻار هئي. سندس عمر تہ اڃا خوش ٿيڻ ۽ کيڏڻ جي هئي، هنکي خوشين بدران رڳو ڏک ۽ غم مليا هئا.

"منهنجي مٺي، مونکي معاف ڪجان. آءٌ ايترو بي رحم ناهيان جو تنهنجي مجبوريءَ سان کيڏان. تون اڪيلي ناهين، تو سان گڏ خبر ناهي الائجي ڪيتريون ٻيون بہ عورتون هونديون، جن چند سڪن جي خاطر، پنهنجي جواني، ۽ سُونهن وڪڻي ڇڏي هوندي. هاڻي تون وڃ، مونکي هت اڪيلو ڇڏي ڏي." مون ذري گهٽ روئيندي چيو.

مون ڪيسي ۾ هٿ وڌو، ۽ جيڪي ڪجھ مون وٽ هو، هنکي ڏئي ڇڏيو. هن پوتيءَ جي پلاند سان ڳوڙهن کي اگهيو، ۽ قدم کڻندي، وڃي ٻيڙيءَ ۾ ويٺي. آخري پيري مونکي هڪ نظر سان ڏسي، ونجھ تي، ٻيڙيءَ جو رُخ ڦيري ڇڏيائين. آءٌ مايوس نگاهن سان هنکي ويندي ڏسندو رهيس، مونکي هن سان همدرديءَ سان گڏ، بي انتها پيار ٿي ويو هو هوءَ جڏهن نظرن کان اُوجهل ٿي وئي تہ مونکي ائين لڳو هو، ڄڻ منهنجون اکيون روئي رهيون هيون، ۽ دل درد جي گهرائي ۾ ٻڏندي ٿي وئي. هاڻ ويل مهنجي من جي منڇر جو اُٿلي پئي هئي.

# ڪجھ گذارشون

◉انهيءَ کان انڪار ڪونهي تہ پڙهندڙن ۽ لکندڙن سهڻيءَ کي بي انتها مان ڏنو آهي. جنهن کي پنهنجو سمجهيو آهي، انهيءَ سان محبت بہ هوندي. انهيءَ محبت لاءِ بہ اسين ٿورائتا آهيون. سهڻي لاءِ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۳۰۰ خط ايندا آهن. هر خط لکندڙ جي خواهش هوندي آهي تہ سندس خط ضرور ڇپجي. اسان جي بہ اِها خواهش آهي تہ اسين سيني جا خط ڇپيون، پر اِهو ممڪن ڪونهي، ڪوشش اِها آهي تہ وڌ ۾ وڌ خط ڇپي سگهون، تنهنڪري ئي ڪن خطن کي ننڍو ڪرڻو پوي ٿو، پر جنهن لاءِ اِهو سمجهون ٿا تہ اِهو مڪمل اچڻ گهرجي، اُهو مڪمل بہ ڏيون ٿا. جن جا خط نہ ڇپيا يا پورا نہ ڇپيا، تنهنکي اسان جي مجبوري سمجهڻ گهرجي.

---

پڙهندڙن کي گذارش ڪريون ٿ تہ اُهي ڌارين ٻوليءَ جون اخبارون، رسالا ۽ مخزن خريد نہ ڪن، نہ پڙهن. فقط سنڌي زبان جون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب وٺن ۽ پڙهن.

ڌارين ٻوليءَ جون اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب، لڳاتار سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف لکي رهيا آهن، انهن کي خريد ڪري سنڌ جي دشمنن جي همت افزائي نہ ڪرڻ گهرجي— ادارو

Gul Hayat Institute

# شام جو جديديت پسند ڪهاڻيڪار

# وليد اخلاصي

سنڌيڪار: بشير موريائي

افسانوي ادب ۾ حقيقت نگاري جي جيڪا لهر مغرب کان آئي اها سترهين عيسوي صدي ۾ شروع ٿي. ان سان اسان جي ڊيٽ ويٽ نئي ناول ۽ نئين ڪهاڻي جي وسيلي ٿي. جيڪي حالتون اهڙي قسم جي ادب ۾ پيش ڪيون ويئون آهن، اهي اسان جون ڄاتل سڃاتل ڏٺل وائٺل هجڻ ڪري اسان جي ساڃاهه کي به سچيون لڳڻ ٿيون.

نئين نڪور افسانوي ادب جي ترقي بابت گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ڪن نقطن تي سوچبو ته ڏسڻ ۾ ايندو ته مغرب بابت ڄاڻ هڪ اهم ڳالهه آهي. جنهن سان ئي اسان جديديت جي جڙ تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. مغرب جي نشاة الثانيه Renaissance سان وچيو ملي. رينيسان کان وٺي اڄ تائين نئون تخيل ۽ نئين آرٽ جون جنسون قائم آهن. اسان جيڪڏهن رچرڊ پامر جهڙن مفڪرن سان همخيال ٿيندا سون ته ان جاري رهندڙ ساڃاهه ۽ شعور کي جديديت کان به پوءِ واري دور جو شعور ڪري مڃيندا سون.

جديديت کان اڳيرو وڌڻ ۾ هيٺيان جُزا خيال ۾ رکڻا پون ٿا:

(۱) مابعدالطبيعات کان به اڳتي سوچ

(۲) جديديت کان اڳتي قدم

(۳) مقصديت کان ٽپي وڃڻ ۽ تڪنيڪي عقليت کي پار ڪرڻ

(۴) حقيقت جي مغربي هيئتن کان اڳيري وک کڻڻ

(۵) فطرت پسندي کي اورانگهڻ

(٦) نئون يا مٿاهون شعور رکڻ

(۷) نفسيات جانوان بنياد

(۸) ٻولي جو انقلابي فلسفو

(۹) جديديت کان به نئون ادبي فلسفو

هيءَ هئي شروعات جيڪا وليد اخلاصي جي فن کي سمجهڻ لاءِ ضروري ڄاتي وئي.

وليد اخلاصي هڪ شامي عرب ليکڪ آهي جنهنجا ويهه پاويهه ڪتاب، افسانوي ادب ۾ ڇپجي چڪا آهن. جيئن ته هو عربي ٻولي ۾ لکي ٿو تنهنڪري گهڻو تڻو عرب دنيا ۾ يا عربي پڙهندڙن ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. مغرب جا عربي دان به هاڻي ڌانهنس متوجه ٿيا آهن. هو ۱۹۳۵ ۾ ترڪي جي شهر اسڪندرون ۾ ڄائو مگر هاڻي شام جي حلب شهر ۾ رهي ٿو. وليدِ اخلاصي تجربيڪار انسان ۽ تيز لکندڙ آهي. هو حلب Aleppo ۾ ڪپهه وڪڻڻ واري تنظيم ۾ ڊئريڪٽر آهي. هو

Gul Hayat Institute

جڏهن هڪ پاڇولي کي صورت ۾ بدلجندو ڏسي بيهي رهن ٿا. لڳي ٿو تہ اها صورت قلعي جي پاڙ مان نڪري ٻاهر اچي ٿي ۽ واضع ٿيڻ لڳي ٿي. بيان ڪندڙ ' آءُ' تاريخ جي ان جذبي کان متاثر ٿئي ٿو جيڪو هن جي ۽ عائشہ جي وچ ۾ روان دوان رهي ٿو.

عائشہ شادي جي ڳالھ ڪري ٿي (جيڪڏهن اتي شاديون ٿينديون هجن) هوءَ خيالن ۾ ڏسي ٿي تہ ڇڄ قلعي جي صدر دروازي وٽان لهندي اچي ٿي. جيڪي هن جي چوڌاري بيٺل آهن، اُهي هن سان همدردي ڏيکارين ٿا ڇو تہ انهن کي خبر آهي تہ عائشہ کي شادي ڪرڻ جي ڪيڏي نہ سِڪ آهي. هن جا خواب ڇڄ جي نظارن سان پرجي وڃن ٿا. ٻار ڇيڄ وڄهن ٿا. گهوٽ هيرا موتي ٿو آڇي. ماڻهو 'ڊبڪا' نالي رقص پيا ڪن. قلعي جي مهاڙي چانڊوڪي ۾ وهنتل آهي. اهو تاثر ان خيال سان ٽٽي پوي ٿو جنهن ۾ ' حلب جا عاشق پنهنجي قلعي ۾ بخت جي ڳولها ڪن ٿا-'

عائشہ کي يادگيرين ۽ خواهشن جو اهو حسين امتزاج ڌوڏي ڇڏي ٿو. هوءَ ان شهر سان شديد محبت وچان پچرندي رهي ٿي، جنهن لاءِ هن کي پختو يقين آهي تہ 'اهو ڪڏهن بہ موت سان منهن مقابل نہ ٿيندو.' ۽ هوءَ ايندڙ وقت بابت سوچڻ لڳي ٿي.

هر شيءِ ڍلي آهي، ناپختہ آهي، ڳِهر ڪندي ٿي وڃي. ايتريقدر جو ڪردارن جي ورهاست بہ ٿي ڀِي. ڪي شڪليون ۽ موضوع سامهون اچن ٿا. پُر اَسرار حسن سان ڀريل هڪ شڪل- قلعو. خواهش ۽ ٻوليءَ ۾ نفاست سان اُٿيل، ماضي ۽ مستقبل بابت وعظ، وقت جو پراسرار خاتمو ۽ هميشگي جي هوس.

ان شروعات کان پوءِ ڪهاڻي غمگيني ۽ نقصانن ڏانهن وڌي ٿي ۽ ان ۾ خوفناڪ موتن جو ذڪر اچي ٿو اها ختم بہ اچي قلعي وٽ ٿي ٿئي.

ڪهاڻي جي ٻئي حصي جي شروعات بہ تاثريت سان ڀريل آهي. جيڪي شڪليون اڀرن ٿيون اُهي ڇڻ ڪِري پون ٿيون ۽ ڏرتي ۾ دٻجي وڃن ٿيون. ڇڻ ڪو زلزلو قلعي کي ان جاءِ تان پٽي ڪيرائي ڇڏي ٿو. قلعو وري ساڳيءَ ڪڏ مان اڀري نروار ٿي بيهي ٿو. قديم آثار پنهنجي جسمن تي وقت جا نشان قائم رکن ٿا. ڪا شيطاني طاقت منجهانئن ساھ ست ڪڍي کين نپوڙي ناس ڪرڻ جي ڪڍ آهي. ان لڙائيل نظاري ۾ ڪٽي ڪٽي، اميد، واپسي ۽ ڪاياپلٽ جا لفظ ملن ٿا.

اهو منظر ڪافي هائوس ڏانهن منتقل ٿئي ٿو جتي ماڻهو وقت گذارڻ اچن ٿا ۽ جاسوسي جي سماجي راند ۾ محو ٿي وڃن ٿا. اتي هڪ قداور حشمت ڀريو شخص اندر اچي ٿو. هن کي ڏسي ويٺل حيران ٿي وڃن ٿا. ڪافي هائوس ۾ سازش سٽي وڃي ٿي، اتي پهتل قداور اجنبي جي حسن جي برعڪس وري هڪ اڌ مغزي، ڊنل ڊاڪٽر منهن ڪڍي ٿو، جنهن جي جسم جي چمڙي بيمارين جي ڪري ڳاڙهي آهي ۽ جنهنجي عينڪ جا شيشا ساوا آهن. اهو ڊاڪٽر ڪافي هائوس واري ٽولي جو اڳواڻ ٿو لڳي. هو ڇريو ۽ ظالم ٿو نظر اچي. اتي ويٺل هڪ مصور، حامد، چاهي ٿو تہ هن جي اهڙي تصوير ٺاهي جنهن ۾ هنکي اگهاڙو ڏيکاري.

هاڻي ڪهاڻي ڪافي هائوس جي تذڪري کان نڪري مصور سان مختصر گفتگو طرف وڌي ٿي ۽ اهو حصو اتي ختم ٿئي ٿو، جنهن ۾ عائشہ کي خوبصورت نموني مرڪندي قلعي جي در وٽ بيٺل ڏيکاريو ويو آهي. لڳي ٿو تہ ڄڻ هوءَ ابدي حسن، زندگي ۽ جواني جو مجسمو هجي.

اوچتو ايڪشن شروع ٿي وڃي ٿو. عائشہ جي شادي ڊاڪٽر سان ٿي وئي آهي. بيان ڪندڙ کي ان وقت ان جي خبر ملي ٿي جڏهن هو پنهنجي شاگردن کي روشني بابت پڙهائي رهيو هو. 'شهر ۾ روشني اونداهي هئي.' هن کي رڳو مٽيءَ جا ڪکر گهٽين ۾ ڦڙجندا نظر اچن ٿا جيڪي هن جي بصارت کي ڌنڌلائي ڇڏين ٿا.

ٻئي پيراگراف ۾، اوچتو، ايمبولنس وارا هنکي رتوڇاڻ فٽ پاٿ تان کڻندي نظر اچن ٿا. هڪ ڪار هنکي چيٿاڙي وئي هئي. ڪافي هائوس غمزده آهي. ان حادثي جنکي متاثر ڪيو انهن جو ذڪر بہ اچي ٿو. حامد هڪ تصوير ٺاهي ورتي جنهن ۾ نئون چنڊ، قبر دوزخ ۽ بهشت جي وچ ۾ سائو گاھ ڏيکاريل آهي. تصوير جو نمايان رنگ ڪارو آهي.

ان غم، ڊپ ۽ منفي ٽيڪانڀٽي واري ماحول ۾ ڪافي هائوس ۾ هنجي وچ ۾ اوچتو هڪ بت اچي پرگهٽ ٿئي ٿو جيڪو کين مسحور ڪري ڇڏي ٿو. ڪافي هائوس جو ماحول موت جي اثر کان ڳرو ڳرو آهي. دوستن جو ٽولو اچي قلعي وٽ گڏ ٿئي ٿو، جيڪو اونده ۾ چمڪي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي رازن سان ڀرپور آهي ۽ عائشہ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو.

منظر وري ڦري ڪافي هائوس واري ٽولي ڏانهن وڌي ٿو. ڏک واري ماحول کي سياڳو اجنبي اچي ختم ٿو ڪري جيڪو پاڻ سان الله جي رحمت ڪٺي ٿو اچي. اهو نظارو ٽننڊڙ تاري وانگر ختم ٿي وڃي ٿو.

ڪهاڻي جي ڇهين حصي ۾ ڏيکاريل آهي تہ هفتو ڪن گذري چڪو آهي. هاڻي منظر بدلجي ٿو ۽ حلب شهر جي ٻي مکيہ هنڌ بهشت جي مدرسي کي سامهون آڻي ٿو جيڪو ان حصي ۾ آهي جتي شهر جي غريبن جو ڳڙھ آهي. اتي وڏو قبرستان آهي جتي اخلاصي جا وڏا دفن آهن.

فلسفي جو هڪ استاد اتي عجيب شخصيتن جي ظهور جو ڳالهائو بڻجي اچي ٿو. وري ڪافي هائوس واري ٽولي کي خبر ٿي پوي تہ ٻيو حادثو ٿيو آهي. هڪ ٽيڪسي قلعي جي ڪڏ ۾ اونڌي ٿي ڪري پئي ۽ فلسفي جي استاد کي ماري وڌائين.

ستين حصي ۾ ڊاڪٽر ڪافي هائوس واري ٽولي سان ڳالهائي رهيو آهي جو وري ساڳيو سونهارو، اجنبي شخص نظر اچي ٿو. هڪ ججَ ان کي شگون ٿو سمجهي، ان دور لاءِ سزا ٿو ڄاڻي، پر عقليت پرست ڊاڪٽر ان جو مذاق اُڏائي ٿو.

آخري منظر قلعي ڏانهن موٽي ٿو جتي حادثن جي جاچ هلي رهي آهي. عائشہ اڳيان اچي ٿي. ساڻس گڏ اهو سونهارو شخص آهي جيڪو بدليل لڳي ٿو ۽ اتي ايمبولنس ۽ پوليس سائرن جي آوازن جو گوڙ ٿئي ٿو. ان گوڙ ۾ روئيندڙ عائشہ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هوءَ مختلف آوازن ۾ پيغام ڏئي رهي آهي. آخر ۾ ڪهاڻي بيان ڪندڙ کي پڪو ڪري چوي ٿي "الله جو ڪرم آهي جو تون مونسان آهين." هوءَ

Gul Hayat Institute

پنهنجي پيار جو اظهار ڪري ٿي ۽ ان بلند جاءِ ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جتي سونهاري شخص اوندهہ ڪي ماري مڃايو آهي.

آخري ڏيک هڪ تخيل آهي. ٽولو قلعي ۾ گهمي ڦري پيو. خيالي شڪليون قلعي جي اونهاين ۾ موٽي وڃن ٿيون. ڪهاڻي جي ختم ٿيڻ مهل بيان ڪندڙ عائشہ ڪي سڏي 'سونهاري لاءِ پيار' بابت ڪجهہ چوڻ لڳي ٿو.

اهو چوڻ جي ضرورت ناهي تہ ڪهاڻي پڙهندڙ لاءِ مونجهارو ۽ مسئلا پيدا ڪري ٿي. هر Postmodern ڪهاڻي وانگر اها بہ تاثر ۽ مشاهدا ۽ پرپيچ خيالن جا پيچرا پڪيڙي وڃي ٿي. ڪافي هائوس ۾ هڪ شخص جو پر گهڻ ٿيڻ، ماڻهن ۾ چوبول، موت - سڀ اوچتو ۽ ذرڙي وضاحت سان. ان ۾ نہ اڏاوت آهي نہ ڪردار نگاري. ڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي بيٺل نہ آهي. اها خصوصيت آهي نوان ڪان بہ نئين مغربي افسانوي ادب جي، جنهنجو بهترين مثال 'نئين فرينچ ناول ۽ فڪشن' کي چئي سگهجي ٿو. وليد اخلاصي جي فن ۾ ان جا گهرا اثر نظر اچن ٿا. مٿس فرينچ ڪان سواءِ جرمن ۽ انگلش Post-modernism جو بہ اثر پيل آهي.

موت جتي بہ مليو اسان مسڪرائي سندس آجيان ڪنداسين، بشرطيڪ اسان جو نعرا ۽ جنگ ڪنهن دل ۾ ڪَپي چڪو هجي ۽ ٻيا هٿ اسان جي هٿيارن کڻڻ لاءِ تيار هجن. اسان جا جنازا ماتمي ترانن بدران توبن جي گجگوڙ ۾ کڄڻ گهرجن، ۽ جنگ ۽ جيت جي نون گيتن سان فضا جا هنيانوَ ڪنبجي وڃن.

- چي گويرا

◉جيئن صحت کان سواءِ انسان مزو حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. تيئن آزاديءَ کان سواءِ هو خوشيون نٿو ماڻي سگهي.

هينري سينٽ جان.

◉سنڌي ٻوليءَ جي بقاءُ ۽ بچاءُ واسطي ٻين اڳيان هٿ ٻڌڻ حماقت آهي.

## لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي گذارش

### مشهور هستين جا قول

اسان کي موڪلين. اسين سندن نالي سان ڇپينداسين. اهي قول ويجهڙائيءَ ۾، سنڌيءَ ۾ ڇپيل نہ هجن. قول جنهن ڪتاب، مخزن يا اخبار تان ورتل هجن، انهيءَ جو حوالو ڏجي، ۽ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي موڪلجي. ادارو.

Gul Hayat Institute

منور ابڙو

## ڪاش----!

ڪڏهين ڪڏهين تنهائيءَ ۾ ،
ويهي ويهي سوچيندو هان ،
آخر ڪنهنجو ڏوهه ڪيو ٿم ؟
ڪهڙو ايڏو پاپ ڪيو ٿم ؟
جنهن جي عيوض مونکي ايڏا سُور ملن ٿا ،
ڪاش اهو ڪو سمجهائي ها !
هاءِ اَلا مان سمجهان ها
پر اوجائي ،
ٻيو ڇا ڄاڻي ،
مون سان ڪهڙا ويل ٿين ٿا:
مون سان ڪهڙي ويڌن آهي؟
پنهنجي من جا سُور سمورا ،
هِنَ هُنَ سان اوريندو ناهيان ،
ٽانڊن جهڙن جذبن جي مان
چڻنگن کي چوريندو ناهيان.
ڇو جو منهنجي عادت ناهي -
تنهنجا منهنجا ساري جڳ جا ،
سيني سُور سمائيندو هان ،
ڪڏهين ڪڏهين ٻيوس ٿي
نيڻن نِير وهائيندو هان ،
يا ڪو شعر لکي ويندو هان ،
ڇو جو ؟
مان هڪ شاعر آهيان.
مون کي ڪنهنجي ڀي آٿت جي
ڪائي ڀي نہ ضرورت آهي ،
منهنجا گيت غزل ۽ وايوُن
مون کي آٿت ڏيندا آهن ،
ڏک ۽ سور ونڊيندا آهن.
ڪڏهين ڪڏهين مونکي اهڙو
اوڪو صدمو ملندو آهي.
جو مونسان گڏ منهنجو هر ڪو
شعر بہ سڏڪي پوندو آهي !
ٻيهر مان سوچيندو آهيان ،
آخر ڪنهنجو ڏوهه ڪيو ٿم ؟
ڪهڙو ايڏو پاپ ڪيو ٿم ؟
جنهنجي عيوض مونکي ايڏا سُور ملن ٿا.
ڪاش اهو ڪو سمجهائي ها ،
هاءِ الا ! مان سمجهان ها ،

قاضي علي حيدر

## هائڪو

خاموش آهي آڪاس ،
ڏٺي بندن ۾ ،
ٻاهر گهمن پيارا ڪاس.

ڏيان سان ٻڌاي يارَ ،
حق گهرندڙ هِتِ ،
سڏجن پيا غدارَ.

ٿاهي ڪالاباغ بندُ ،
ترسائيندا آب لاءِ ،
سُڃي ڪندا سِنڌ.

نہ ڪپن فوجي ڇانوڻيون ،
اڃا بہ هوشو ۽ هيمون ،
ڄڻين پيون سنڌياڻيون.

جڳهه ماڙيون ڪرائي خالي ،
رهائين پيا انهن ۾ ،
بدمعاش ٻهاري.

دهشت گرد ، ظالم ڪيترا ،
پنهنجن شهرن ۾ ،
پاڻ لڳون پيا اوپرا.

ڪُنندي ظلم جي رات ،
لوڙيندا وحشي درندا ،
ٿيندي پرهه پرڀات.

آهي اسان جي تقدير ،
ڪَٽ مان ٽٽندا ،
غلاميءَ جا زنجير.

○

اثر

## هڪ لٽيل ڳوٺ جو منظر

ٺڪاءُ مٿان ٺڪاءُ ٿيو ،
۽ ڳوٺ گهيرجي ويو.
ننڍا ڪٽري جوين اٿي
آرس ڀڳو.
وَرَ اٿي بندوق ڪنئي
۽ ونيءَ کان موڪلايو ،
۽ اڌوري رهجي ويئي
چاهتن ۽ محبتن ڀريل چمي ،
ٺڪاءُ ، ٺڪاءُ ٺڪاءُ هٺا.
گوليءَ اچي جهوپي اندر
جهاتي وڌي.
۽ هراسيل نيڻ ويا
پٿرائجي.
ڇاتين رڙهي سيني اندر
گوليءَ کي ڪجهه جڳهه ڏني.
عاج جون چوڙيون سموريون ،
ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون.
موهن جو شهر لٽجي ويو ،
موهن جو شهر لٽجي ويو.
هن نگر جو نڪ هئي
جا ناچڻي ،
چؤنڪ تي ننگو ڪري ،
تنهن جا ارهه ڪپيا ويا
هر مَنهنَ سڙي ويو ،
هر جهڳي جلي ويئي.
اي ڪراڙ جا ڪوي!
اسان جا گهاري زندگي ،
سا زندگي ڪيئن لڳي!

○

علي حسن عباسي

## ڪوڙ

نہ ڪڏهن ڪِنڌين مونڪان
تنهنجي ۽ منهنجي
ازل کان وٺي
جنگ هلندي پئي.
تون زهر
آءٌ سقراط
تون سُوري
آءٌ منصور
تون گهاٽون
آءٌ بلاول
تون راڄ گهاٽ جو ڦندو
آءٌ آزاديءَ جو جهنڊو
تو ڪوڙ جو سهارو ورتو آ
آءٌ سچ جو پانڌيڙو آهيان
تو مون سان هميشہ
مُهاڏو اٽڪايو آهي
هر موڙ تي
هر ميدان ۾
پر -
سوڀ منهنجي ٿي آهي
سوڀ منهنجي رهندي.

○

فياض حسين چند ڪليري

## نظم

توريءَ جيون ائين لڳي تو ،
جڻ تتل کو ڏينهن لڳي تو.
منهنجي دل آ ، ٿر جي ڌرتي ،
پيار سندو کو بادل بڻجي.
تنهن تي پوتون مٿڙا برسي.
تولئہ منهنجيون اکڙيون آتيون ،
پل پل پائين در مان جهاتيون.
ورڙي جاني ، جلدي ورا
مون تي ڪجھ تہ رحم تون ڪر.
جدائي جيءَ کي جهوري ٿي ،
ماس مٿاهون ڪوري ٿي.
جي تون رهندين دوراو جانبا
۽ رهندين مغرور اوجانب.
مون مسڪين جو ڇا ٿيندو ؟
سڏڪي سڏڪي ساھ ويندو.
ڏات جو ڏيئو ٻري پوي تو ،
درد پوءِ ڪجھ ٺري پوي تو.
توتي جڏ ڪو گيت لکان تو ،
من جو توکي ميت لکان تو.
هاءِ! اڪيلو آئون اياڻو ،
پريںءَ بناهان بنھ ويڳاڻو.
شال وري هو مونسان ملي ،
۽ ويا ڪل من کي خوشي ملي.

○

فيض پيرزادو

## نظم

لاڏو ٻر چن جي ،
ڪَپڙا اڏئيندي ،
ڪاوينگس واھ تي ،
گلن سان گلابي چولو ،
وساري وئي آهي ،
چڻ ڪنهن جي لاءِ ،
نياپو ڇڏي وئي آهي ،

چڻ چولڙيءَ ۾ ،
چوري پيار جي ،
ڇپائي وئي آهي ،
شام ٿي وئي آهي ،
آيون ، آيون ڪٺڪ مان ،
هُنَ جي جوين جي ،
خوشبوءِ اچي رهي آهي.

○

واجد

## غزل

جيسين سچ نقابن ۾ ،
تيسين قوم عذابن ۾.

شهر گُهري تو شور ميان!
سونهين ماٺ مقامن ۾.

سچ سلهاڙي سيني ۾ ،
لکين ڪوڙ ڪتابن ۾ ؟!

مسجد مندر سورن سَرَ ،
مُڪتي ناھ مڪانن ۾.

وگر بدران و ڪجن پيا ،
اڄ ڪلھ درد دڪانن ۾.

خزان جو خوني 'واجد '
باندي آهي بهارن ۾.

○

محمد ايوب ٽوسو

## غزل

ڏک ڏولاوا لهندا سائين ،
سک جا ويلا سجندا سائين.
دورين جا هي ڪوٽ سمورا ،
نيٺ تہ آخر ڍهندا سائين.
ڪينجهر جهڙي نيڻن ۾ ،
لڙڪ نہ هاڻي رهندا سائين.
نفرت جي هن واري ۾ ،
قرب جا جهوپا ٺهندا سائين.
محبت وارا ماڻهو سارا ،
ڪيسين ڏکڙا سهندا سائين.
ميري ڦاٽل جهولي ۾ ، بي ،
گلڙا پيارا ٽڙندا سائين.

Gul Hayat Institute

مٹ پاڻ هئا. انٽرويو ۾ پير مظهرالحق جنهن صاف گوئي سان سنڌي عوام جو بلينڪ چيڪ، ايم ڪيو ايم جهڙي تنظيم کان ڪيش ڪرائڻ ۽ سنڌين جي پيٽ ۾، مهاجرن جا مطالبا مڃڻ واري سوال جي جواب ۾ جهڙيءَ طرح حقيقت کان انڪار ڪيو آهي، ان مان پ-پ-پ جو ايم-ڪيو-ايم هٿان بليڪ ميل ٿيڻ جو پورو ثبوت ملي ٿو. غلام نبي مغل جو ڪالم به هڪ بهترين ليک هو. ڪهاڻين ۾ برک ليکڪ محترم نجم عباسي جي ڪهاڻي 'لطيفان' تمام بهترين هئي.

- فهيم سنڌي. نوابشاهه.

◉ سهڻي سيپٽمبر پڙهي تمام گهڻي خوشيءَ ٿي آهي. سُهڻي ۾ هڪ ڪمي مون کي نظر آئي. اُها اِها ته اوهان ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي دوُر ۾ جيڪي ايڊيٽوريل لکي سنڌي ماڻهن کي قومي شعور ڏنو هو. اُهي هن دور جي سُهڻيءَ جي پرچن ۾ ڀرپور ايڊيٽوريل لکيل نه آهن. ◉ هن پرچي ۾ مشير منظو وسان ٽي جيڪو اوهان ٣٠ سيپٽمبر جي اسيرن، روپوش اڳواڻ محترم ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي ساٿين لاءِ ايڊيٽوريل لکيو آهي، منهنجي طرفان اوهان کي سلام آهي. آگسٽ جي پرچي ۾ سنڌي قوم جي محافظ مترم ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جو انٽرويو شاندار هو. اوهان کي مبارڪون هجن. ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي هڪ رنگين تصوير هلايو ته اوهان جا احسان زندگيءَ ڀر لاهي نه سگهنداسين. مجموعي طرح محترم غلام نبي مغل صاحب، شوڪت شورو، تنوير عباسي جي مواد مُتاثر ڪيو آهي. سنڌ قومي اتحاد جي جلسي لاءِ اردو صحافين به قبول ڪيو هُو ته ٽن لکن کان مٿي ماڻهو قاسم آباد واري جلسي ۾ هئا. الائي ڇو اوهان کي هڪ لک سنڌي ڏسڻ ۾ آيا. اسٽيجن تي معصوم ٻار کان وٺي چوٽيءَ جا سياستدان ڳالهائيندا آهن. اوهان چند تقريرن جي ٽڪرن جو حوالو ڏنو، جن کي اوهان سنڌ قومي اتحاد جو پاليسي بيان طور لکيو آهي. اِهو غلط آهي. سنڌ قومي اتحاد قوم پرست ۽ ترقي پسند ڌرين ۽ سنڌي ماڻهن جو نمائنده اتحاد آهي، اتحاد جي خلاف لکڻ لاءِ اوهان کي پ پ گورنمينٽ پئسا ڏنا آهن الائي ڇا. اسان جي سمجهه کان قصور زور آهي. اوهان کي ته مان الائي ڇا ٿي سمجهيو. اوهان ته ٢٢ مهينا جيل به ڪاٽيو آهي.

- ڊاڪٽر ڪرم رستماڻي. ايل-ايم سي ڄامشورو

◉ ايڊيٽوريل وٽيو. جيتري قدر الزام تراشين جي ڳالهه آهي ته S.N.A. لاءِ وري حڪومت وارا چون ٿا ته مارشل لا ۽ ضيا جا يار آهن. بهرحال ان جو فيصلو وقت ۽ تاريخ ڪندي ته ڪير ڪنهنجو يار آهي. حفيظ قريشي جي ڳالهه سان واقعي متفق نٿو ٿي سگهجي ته ڀهراڙيءَ جا ماڻهو ڇريا آهن. جيڪڏهن ڀهراڙيءَ جا ماڻهو ڇريا هجن ها ته اڄ حفيظ قريشي رڳو يونيورسٽين ۾ پيو تقريرون ڪري ها. ميٽر بابت هڪ پيڻ جي تقرير ۾ چيل پوائنٽ جيڪا اوهان لکي آهي. اها پنهنجي جاءِ تي واقعي هڪ غلطي آهي. لکين ماڻهن جي ميڙ اڳيان تقرير ڪندي اهڙين ڳالهين جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. ميٽر ڪو سرڪاري عهدو ڪونهي، جنهن کي حڪومت هٽائي سگهي. ها البت حيدرآباد ميونسپل جي منجهيل مسئلي جي ڪري حڪومت کان بلديه کي ٽوڙڻ جو مطالبو ڪرڻ گهرجي ۽ حڪومت کي ائين ڪرڻ به گهرجي. پر اهو ته ڪراچي ٺاهه جي خلاف ٿيندو! منظور وسان جي اڌ وعدي پوري ڪرڻ واري اوهان ڪري ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا ڪيس ضرور ڏکي لڳي هوندي. اڳ به توهان کين اهڙيون ست سريون ٻڌائيندا هئا ۽ نيٺ اوهان تي ڪاوڙيا. ڏسجي ته هاڻ ڪڏهن ٿا توهان تي ڏمرجن. ◉ 'جيڪي منجهه جهان' ۾ دنيا واري حصي ۾ پولينڊ بابت سٺي ڄاڻ هئي، خاص ڪري بين الاقوامي تعلقات جي شاگردن لاءِ سنڌيءَ ۾ اهڙيون شيون مليون ته اردوءَ ڏي گهٽ ڏيان ويندو. ملڪ ۽ سنڌ ۾ پناهه گيرن بابت پڙهي سندن خطرناڪ ذهنيت جي خبر پوي ٿي. ان لاءِ حڪومتي ڪا مورن کي سوچڻ گهرجي. ان سان گڏ چونڊيل حڪومت جو به جائزو وٺي پيش ڪيو ته سنڌين سان ڪيل وعدا ڪيتري قدر پورا ڪيا ويا آهن. ◉ پير مظهرالحق چوي ٿو هٿيارن جا لائسنس ڏيڻ تي ويڙهاند وڌندي. اڳيئي ڪهڙي گهٽ آهي ۽ مرن به رڳو اُهي ٿا، جن وٽ هٿيار ڪونهن. پوءِ شهر ۾ دهشت گردن هٿان يا ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن هٿان. خبر ناهي پير صاحب جي حڪومت ڪڏهن سوچي بس ڪندي. تيسين سنڌي پيا مرن، ان جو ذميوار ڪير؟ ڪرسيءَ تي ويهي قوم سان غداري ڪرڻ ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ ته ڪو سنڌي وزيرن کان سکي. جپان، آمريڪا ۽ يورپي جمهوري ملڪن جا وزير يا ٻيا اڳواڻ ته ڪي ڇريا ڇٻا، جو ٿوري ڳالهه تي استعفي ڏيو هليا وڃن. ان ڳالهه ۾ منهن جي پڪائي ته ڪو سنڌي وزيرن کان سکڻ گهرجي. ايم.ڪيو.ايم جي ڪائونسلرن کي جهيڙن ۾ شريڪ ڪرڻ کان وزير لهرائي ويو. ڀلا امن ڪاميٽين ۾ شريڪ ٿيندڙن کي اجان ڪڏهن گلي مان وٺنيدي حڪومت؟ وزير چوي ٿو ايم.ڪيو.ايم ۽ پ.پ.پ ٺاهه سان سنڌ ۾ خوشحالي ٿيندي! خوشحالي ۽ امن ائين ٿيندو، جو هر مهيني حيدرآباد ۾ سنڌين جو قتل ٿئي، يونيورسٽيون ڪرفيو ڪري سدائين بند. هڪ سيميسٽر کي هڪ سال لڳيو وڃي. ڀهراڙيءَ جو ماڻهو شهر ۾ سودو سامان وٺڻ اچي ته ماڻٽن کي سندس لاش پيو ملي. لفظ 'مهاجر' تي غير منطقي جواب ڏنو اٿس. جڏهن ته پاڻ ايم.ڪيو.ايم ٿو چئي ته ان جو مطلب ڇا آهي؟ وزير جي لفظن ۾، ايم.ڪيو.ايم وارا پنهنجا خوني ۽ قاتل ڇڏائڻ جي بدلي ٣٠ سيپٽمبر وارن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن. ان جو مطلب ته ٣٠ سيپٽمبر وارا بيگناهه به هنن جي قاتلن جي رحم ڪرم تي آهن. هو ثبوتن سان ۽ ٣٠ وارا بنا ثبوت جي ڌارين جي وس آهن. ٽي ڳالهه ته ايم ڪيو ايم جي چوڻ کان پوءِ ٣٠ سيپٽمبر وارن کي ڇڏڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي. ايم.ڪيو.ايم وارا هٺ ڪٿي ويا پر لڳي ٿو ته سنڌي حڪومت انهن کي نٿي ڇڏي. بقول اوهان جي (جيئن ايڊيٽوريل ۾ لکيوَ) ته اڌ ٣١ آگسٽ تي آزاد ٿيا ۽ باقي ٻيا به ائين آزاد ٿيندا. انٽرويو ۾ سوال تمام سٺا ڪيل آهن، پر جواب موضوع کان ڪجهه هٽيل ۽ غير منطقي ڏنل آهن. ◉ مغل صاحب جو سفر نامو ڏاڍو سٺو آهي. سفر سان گڏ ٻيون به ڪيئي سٺيون ڳالهيون آهن. سنڌي ايئر هوسٽس کان



Gul Hayat Institute

پاليسي خلاف سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو ، بک هڙتالون ٿيون. بک هڙتالي شاگردن کي اوهان قيد ڪيو ، ڪين پوليس کان بيعزت ڪرايو ويو. وڏي ڳالھ تہ اهائي جو جنرل ايوب خان کان پوءِ پهريون ڀيرو سنڌي شاگردياڻين ان پاليسي خلاف سنڌ جي سمورن شهرن ۾ بک هڙتالون ڪيون. جس آهي سنڌ گرلز اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جي ڀينرن کي ۽ لک شابس اوهان جهڙن وزيرن کي بہ آهي ، جن بہ قدم پري نياڻن وٽ هلي اچڻ گوارا نہ ڪيو.

باقي اوهان صاحبن جي بيانن جو پڙاڏو آهي. 'سنڌ جي حقن جي سوديبازي نہ ڪنداسين' هٿي پاسي اوهان سنڌ جي حقن کي نيلام ڪندڙ ايم - ڪيو - ايم ٺاھ تي صحيحون ڪري عمل شروع ڪري ڏنو اٿوَ. ◉ ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾ محترم غلام نبي مغل جو سفرنامو پنهنجو مٽ پاڻ آهي ، جنهن سچائي ، سان سائين مغل لکيو آهي انهيءَ کي آءٌ ڪيس جس ٿو ڏيان.◉ يک نعره حيدري جي موضوع جي مناسبت سان ٺيڪ آهي ، بهرحال آءٌ هڪ دفعو وري غلام نبي مغل لاءِ ، ائين چوندس تہ هيءُ سهڻي رسالي جي جان آهي. ◉ خيرالنساءِ جعفري جي جوابن بور ڪيو. ٽي وي ڊائري ٺيڪ هئي. جيڪي تجويزون اوهان ٽي وي ، جي ڪارندن کي ڏنيون آهن ، ڪين انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي.◉ خاص ڳالھ تہ 'ناٽڪ رنگ' ۾ سدائين پراڻا نشر ڪيل ڊراما پيھر هلايا وڃن ٿا. آءٌ ٽي وي وارن کان پڇڻ گهران ٿو تہ "ڇا سنڌ ۾ ڊرامن لکڻ وارا ڪونهن؟ ڇا موضوع کٽي ويا آهن؟ بابا ، ڪجھ محنت ڪريو ، ريسرچ ڪريو ، نوان موضوع تلاش ڪريو. هينئر ڪجھ موقعو مليو آهي تہ سنيون شيون ميدان تي آڻيو.◉ سهڻي رسالو هاڻي هڪ خاص خاص گروه جي اثر هيٺ هليو ويو آهي ، جنهنجو مثال ، جولاءِ ۽ آگسٽ وارا پرچا آهن ، ڇو تہ هڪڙي ۾ جکراڻي جو انٽرويو تہ ٻئي ۾ قادر مگسي جو تفصيلي انٽرويو ۽ ظلم تہ اهو تہ محترم پليجي صاحب جو مني انٽرويو. اهو تہ هڪ مذاق ٿي ٿيو ، جيڪو اوهان جهڙن ماڻهن کي نٿو سونهين.

- منصور چانڊيو. واره

## سهڻي پبلڪيشن
## جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | اسانجي سنڌ (ڪهاڻيون) | مختلف ڪهاڻيڪار | ختم ٿيل |
| ٢. | اٺو سرندڙ ڪهاڻيون (ڪهاڻيون) | مختلف ڪهاڻيڪار | ختم ٿيل |
| ٣. | وايون وڻجارن جون (سفرنامو) | الطاف شيخ | ختم ٿيل |
| ۴. | بندر بازاريون (سفرنامون) | الطاف شيخ | ختم ٿيل |
| ۵. | غدار (ناوليٽ) | ڪرشنچندر | ختم ٿيل |
| ٦. | سونهن ، پٿر ۽ پيار (ڪهاڻيون) | طارق اشرف | ختم ٿيل |
| ٧. | ميرو ڏاڙيل (ناول) [ٻيو ايڊيشن] | طارق اشرف | ١٨٠٠ |
| ٨. | ڳاڙها هٿ ، پيلا چهرا (شعر) | ذوالفقار سيال | ١۴-٠٠ |
| ٩. | رشتا ناتا (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| ١٠. | پيار جي پري (ڪهاڻيون) | غلام رباني | ختم ٿيل |
| ١١. | بدمعاش (ڪهاڻيون) | جمال ابڙو | ختم ٿيل |
| ١٢. | سفيد وحشي (ڪهاڻيون) | شيخ اياز | ختم ٿيل |
| ١٣. | سمنڊ جي ساڃھ (سفرنامو) | الطاف شيخ | ختم ٿيل |
| ١۴. | منهنجي حياتي سونا روپا ورق (آتم ڪهاڻي) | پوپٽي هيراننداڻي | ختم ٿيل |
| ١۵. | رُڃ (ڪهاڻيون) | اَمر جليل | ٣٠٠٠ |
| ١٦. | جاني تہ جهاز ۾ (سفرنامو) | الطاف شيخ | ختم ٿيل |
| ١٧. | اها شام (ڪهاڻيون) | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| ١٨. | ٻار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ (ڪهاڻيون) | ولي رام ولڀ | ٨٠٠٠ |
| ١٩. | ڏوري ڏوري ڏيھ... (سفرنامو) | تنوير عباسي | ٢٠-٠٠ |
| ٢٠. | ڊمي (ڪهاڻيون ۽ مضمون) | نسيم کرل | ١٦-٠٠ |
| ٢١. | اَڌوري اُڌام (ڪهاڻيون) | بشير مورياڻي | ١٦-٠٠ |
| ٢٢. | ترورا (مضمون ، خاڪا ۽ سفرنامو) | تنوير عباسي | ٣٠-٠٠ |
| ٢٣. | جڙيل جن سان جند (سفرنامو) | هري موٽواڻي | ٣٢-٠٠ |

Gul Hayat Institute

فلم

سيد فدا حسين شاه

# بمبئي ڊائري



ڊمپل ڪپاڊيا



ڪمي ڪاٽڪر



جوهي چاولا

◉ نيلم آرڪي هنڊا جي باري ۾ اهو بيان ڏنو آهي تہ "مون پهريون ڀيرو اهو سڀ ڪجھ ڪيو آهي. (ڏسو سهڻي، سيپٽمبر 89) پر ان ڳالھ ۾ منهنجو ڪو ڏوھ نہ آهي. در اصل حالتون ئي اهڙيون هيون. جن جي ڪري اهو سڀ ڪجھ ٿيو. جڏهن مون کي پروڊيوسر آرڪي هنڊا پنهنجي فلم 'خون جواب ديگا' جي آفر ڪئي تہ مون وٽ وانديون تاريخون ڪونہ هيون. پر پروڊيوسر ٻہ مهينا مسلسل صبح ۽ شام روزانو ايندو هو، ۽ اچي ويهي رهندو هو. سو هن کي ٽڪندو ڏسي نيٺ مون رول قبول ڪيو. پر ڪجھ ڏينهن جي شوٽنگ کان پوءِ مون کي تاريخن ۾ وري گڙٻڙ لڳي. سو مون فلم ڇڏڻ جو ارادو ڪيو. شروعات ۾ ئي مون کيس ٻڌايو تہ جيئن هو آسانيءَ سان ڪنهن ٻي هيروئن کي کڻي سگهي. ڇو تہ منهنجا فقط ڪجھ سين پڪچرائيز ٿيا هئا. جيستائين سيڪريٽري يوسف جو سوال آهي تہ هُو منهنجو ڪم سنڀالي ٿي سگهيو. باقي مون کي فلمن جون آفرز يوسف جي ڪري نہ، پر ان ڪري ٿينديون هيون، جو مون ۾ پروڊيوسر ٽيلينٽ ڏسندا هئا. سو هاڻ منهنجي آنٽي شيرناز اهو ڪم بخوبي سنڀالي رهي آهي. جڏهن تہ فرح سان ڪڏهن بہ منهنجي دوستي ڪانہ ٿي. ۽ نہ ئي هن مون کي هندي سيکاري. لَوِ 86 جي دوران بہ اسين هڪ ٻئي کان پري رهندا هئاسون. فلم انڊسٽريءَ ۾ ڪڏهن بہ ٻہ هيروئنون ساهيڙيون ٿيون ٿي سگهن. ان ڪري جو هتي هيروئنز جي وچ ۾ مقابلو هلي ٿو. باقي ذاتي طور تي مون کي سونم گهڻي پسند آهي. هوءَ مختلف طبع جي ڇوڪري آهي. هُوءَ سچ ڳالهائڻ کان پهرين ٻہ ڀيرا نہ سوچيندي اهي. سو اسان جي خوب لڳندي آهي. 'مٽي اور سونا' جي باري ۾ مون کي خبر هئي ۽ پهلاج انڪل مون کي ٻڌايو هو تہ منهنجو رول ننڍو آهي. سو مون کيس چيو تہ فلم ۾ منهنجو نالو گيسٽ اپيئرنس ۾ لکي. ۽ اها سچي فلم سونم جي هئي. ۽ منهنجي خيال ۾ تہ سونم تمام سٺي اداڪاري ڪئي آهي. گووِندا ۽ منهنجي وچ ۾ نہ ئي ڪو پهرين تعلق هو ۽ نہ ئي هاڻ آهي. الاجي ڇو گووندا منهنجي باري ۾ غلط بيان پيو ڏي. جڏهن تہ آءٌ خاموش آهيان. شروع ۾ گووندا منهنجي باري ۾ تمام سٺيون ڳالهيون ڇيون. پر هاڻ هن کي الاجي ڇا ٿيو آهي. ۽ هاڻ منهنجي خاندان کي بہ گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. ۽ سڀ ڳالهيون ڇيو وريو اچيو منهنجي خوشامد ڪري. مون کي شروع ۾ ئي خبر هئي تہ گووِنداشادي شده آهي." ◉ ڪمي ڪاٽڪر جي زندگيءَ ۾ ڊيني ۽ بنجوءَ کان پوءِ وري هڪ نئون مرد شانتانيو

Gul Hayat Institute

مشهور سنڌي اداڪار

# مصطفيٰ قريشيءَ

## سان ڳالهه ٻولهه

سهڻي بيورو



سوال: اوهان ريڊيو پاڪستان کي ڇڏي فلم ڏانهن ويا.

قريشي: مان ڇڏي فلم لائين ڪونه ويو هوس. مون کي نيو ويو. فلم وارا وٺي ويا هئا، مان هڪ فلم لاءِ ويو هوس. انهيءَ کانپوءِ آءُ ريڊيو تي موٽي آيو هوس، پر پهرين فلم جي ڪاميابيءَ ڪري مون کي ٻيون فلمون به مليون. ٽن چئن سالن کانپوءِ مون ريڊيو کي ڇڏيو.

سوال: گهڻي ڀاڱي رڳو پنجابي فلمن ۾ اچو ٿا. سنڌي فلمن ۾ ڇو نه.

جواب: عرصي کان منهنجي خواهش آهي ته مان سنڌي فلمن ۾ اچان. مونکي فخر آهي ته منهنجي پهرين فلم سنڌي هئي 'پرديسي'. تڏهن آءُ اڃا سڪول ۾ پڙهندو هوس. سنڌي فلمن جي ڇاڪاڻ ته محدود مارڪيٽ آهي، تنهنڪري اڙدو يا پنجابي فلمن ۾ ڪم ڪرڻو پيو. سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ تي آءُ فخر محسوس ڪندس. اڄ جيڪو وقت آهي، انهيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ فلم ٺهڻ يا سنڌي فلم ۾ ڪم ڪرڻ تمام ضروري آهي. مان انهيءَ سنڌيءَ فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪا قومپرستيءَ جي موضوع تي ٺهي. سنڌي قوم سان جيڪي ظلم ٿين پيا، انهيءَ جي عڪاسي هن ۾ هجي. باقي رڳو ائڪشن ناچ گانو هجي. اهڙين سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ مان فائدو. اهڙيون پنجابي فلمون ته آءُ ڪيان پيو.

باقي جيڪي سنڌيءَ جا انقلابي رائيٽر آهن. نورالهديٰ شاهه آهي. ماهتاب محبوب آهي. جيڪي سنڌ جي مسئلن کان واقف آهن، اهڙا رائيٽر جيڪڏهن فلم لکن ته آءُ مفت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

سوال: چيو وڃي ٿو ته اوهان جيڪڏهن مفت ۾ به ڪم ڪندا ته به اوهانجي رهائش جو خرچ، ڀاڙا ڀتا ملائي لک ڏيڍ خرچ ٿي ويندو. ايتري خرچ ۾ اڌ سنڌي فلم ٺهي سگهي ٿي.

جواب: جيڪڏهن فلم ڪمرشيل طور تي ٺهندي ته پوءِ مونکي به حق آهي ته مان پنهنجي ڊمانڊ تحت گهر ڪريان.

سوال: ڇا اهو نٿو ٿي سگهي ته اوهانجي سٺي اداڪاريءَ جي ڪري هڪ معمولي سنڌي فلم ڪامياب ٿي وڃي.

قريشي: منهنجي سنڌي فلم ۾ هجڻ ڪري ٿورو گهڻو ڪمرشيل لحاظ کان شايد فرق پئجي سگهي. پر سنڌي فلم به جيڪڏهن اوهان پنجابي فلمن وانگر ٺاهيو ته مونکي اها ڳالهه نه وڻندي. سنڌ جا جيڪي هيروز آهن، جيئن هوشو شهيد آهي، مير شير محمد خان آهي، دولهه دريا خان آهي. انهن تي ريسرچ ڪري، انهن تي فلمون ٺاهجن. انهن کي ٻين زبانن ۾ ڊب ڪري به هلائي سگهجي ٿو. سڄي دنيا ۾ اسانجون فلمون ڪامياب ٿي سگهن ٿيون.

سوال: جن اڙدو يا پنجابي فلمن ۾ اوهان ڪم ڪيو آهي، اُهي سڀئي معياري آهن.

قريشي: مان ڳالهه فقط سنڌي فلمن جي ڪريان پيو. انهيءَ ڪري ته سورن ۾ فقط سنڌ آهي. ڪو ٻيو صوبو سورن ۾ ڪونهي.

سوال: گهڻو وقت اڳ اوهان پاڻ به ته اڙدوءَ ۾ هڪ چڱي فلم ٺاهي هئي. ڇو اوهان سنڌيءَ ۾ هڪ سٺي فلم نٿا ٺاهيو.

قريشي: منهنجو ارادو آهي. مان سنڌيءَ جي ڪجهه رائيٽرن سان مليو به آهيان. لاهور ۾ عبدالقادر جوڻيجو مليو هو، مون کيس به چيو هو، پر هو غائب ٿي ويو. نورالهديٰ شاهه سٺو پئي لکي. پر هڏو اٿم ته فلم لاءِ هوءَ ڪونه ٿو لکي. پر مان سمجهان ٿو جڏهن مان هن سان ملندس، هنکي منهنجي نيت جي خبر پوندي، ڇو ته مان پئسا ڪمائڻ خاطر فلم ڪونه ٺاهندس، ته پوءِ نورالهديٰ شاهه

Gul Hayat Institute

سوال: اوهان ڪڏهن ٽيپيڪل رول ڪيا آهن.

قريشي: مختلف رول ڪيا اٿم. بلڪ هر قسم جا رول ڪيا اٿم. نئين فلم بارش ۾ مون چريٽي جو رول ڪيو آهي. هيءُ تمام مشڪل ۽ ٽيپيڪل قسم جو رول آهي.

سوال: ٽيپيڪل رول لاءِ ڪڏهن اوهان مشاهدو ڪيو. جيئن فلم 'پار' ۾ نصيرالدين شاهه اڇوت جو رو ڪيو ته هن اڳ ۾ اڇوتن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ڳوڙهو مشاهدو ڪيو.

قريشي: جيڪي اداڪار چوندا آهن ته مون مشاهدو ڪيو، Study ڪئي، ته ان ۾ ڪجهه وڌاءُ به هوندو آهي. چريٽي جي ائڪٽنگ ڪرڻ لاءِ مونکي مشاهدي جي ڪهڙي ضرورت. سيٽي چريا هڪ جهڙا ته ڪونه ٿيندا آهن.

سوال: چيو وڃي ٿو ته جيترا ڊفرنٽ ۽ ريئلسٽڪ رول نصيرالدين شاهه ڪيا آهن، ٻئي ڪنهن به پارٽي اداڪار.

قريشي: ها، اهو ان ڪري جو هي گهڻين آرٽ فلمن ۾ آيو آهي. ٻيا به ڪيئي سٺا آرٽسٽ آهن، اُهي به اهڙا رول ڪري سگهيا ٿي. سنجيو ڪمار، هن ۾ وڏو ٽئلينٽ هو.

سوال: آمريڪن، انگريز، پارٽي يا پاڪستاني، ڪهڙن اداڪارن اوهان کي متاثر ڪيو.

قريشي: گهڻائي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سٺا آهن. دليپ ڪمار صاحب جو هڪڙو اميج ننڍي هوندي کان آهي. هو هڪ وڏو آرٽسٽ آهي.

سوال: ڪنهن اداڪار کان متاثر ٿي، اهڙي اداڪاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

قريشي: نه.

سوال: ڪا اهڙي فلم، جنهن لاءِ اوهانکي خواهش ٿي هجي ته ڪاش انهيءَ ۾ اوهان ڪم ڪريو ها.

قريشي: جڏهن به ڪو ڏکيو رول ڏسندو آهيان، ته اهڙي خواهش پيدا ٿيندي آهي. پلي آرٽسٽ اُهو سٺو ڪيو هجي.

سوال: اوهانجي اداڪاريءَ تي به هاڻ جمود طاري ٿي ويو آهي. ساڳي طرح جي اداڪاري، ساڳي ڊائلاگ ڊليوري. ڇا هاڻ اوهان وٽ ڪجهه نئون ڪرڻ لاءِ، ڪجهه ڪونهي.

قريشي: ظاهر آهي، جڏهن هڪ جهڙا ڪريڪٽرس، هڪ جهڙيون ڪهاڻيون، ساڳيو ماحول، لباس تائين به ساڳيو ملندو ته اداڪاري به ساڳي رهندي. ڪهاڻيءَ ۾ نواڻ هجي، رول چينج هجي ته پرفارمنس به مختلف ٿي ويندي.

سوال: اوهان ڊائلاگ فقط رٽي وٺندا آهيو يا Depth ۾ وڃڻ جي به ڪوشش ڪندا آهيو.

قريشي: جنهن وقت شارٽ ٿيندو آهي. ڊائلاگ انهيءَ وقت ڏسڻ لاءِ ملندا آهن. ڪوشش ڪندو آهيان انهيءَ کي پنهنجي انداز سان ڳالهائڻ جي.

سوال: اداڪاريءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو فن آهي ۽ ٽيڪنڪ به، انهيءَ لاءِ مشاهدو ۽ سٺو مطالعو ضروري آهي.

قريشي: ضروري ناهي ته گهڻي مطالعي سان سٺي اداڪاري ڪري سگهجي. تمام گهڻا سٺا آرٽسٽ اهڙا هئا، جن جو مطالعو تمام گهٽ هو. گهڻا اثر آرٽسٽ آهن، جن جو مطالعو تمام گهڻو آهي. پر اُهي سٺا آرٽسٽ ناهن.

سوال: سڀ کان وڌيڪ پنهنجي ۽ پرائي فلم ڪهڙي وڻي.

قريشي: اڃا تائين ته ڪا به نه.

سوال: ڪهڙا ڪتاب وڻن ٿا.

قريشي: جيڪي سٺا هوندا آهن. جن کي پڙهڻ سان ڪجهه حاصل ٿئي. سنڌيءَ ۾ ڪتاب هوندو آهي ته سمجهڻ ۾ سهولت ٿيندي آهي.

سوال: سنڌي رسالن ۽ ڪتابن لاءِ وقت ڪڍندا آهيو.

قريشي: بلڪل، جڏهن به آءٌ ڪو سنڌي رسالو ڏسندو آهيان، اُن تي جهٽ ڪري پوندو آهيان. جڏهن ڪنهن نئين سنڌي رسالي جو اضافو سنڌيءَ ۾ ٿيندو آهي ته خوشي ٿيندي آهي.

سوال: فلمي دنيا مان رٽائرڊ ٿيندا، ته ڇا ڪندا. پنجاب وسائيندا يا پنهنجي ڌرتيءَ تي موٽي ايندا؟

قريشي: روحاني طور تي اڄ به پنهنجي ڌرتيءَ تي آهيان. ڪاروبار آهي، نه ته روح هتي ئي آهي.

سوال: ڪهڙي سياسي پارٽيءَ سان ذهني وابستگي اٿوَ.

قريشي: شروع کان پيپلز پارٽيءَ سان.

سوال: ڪهڙي سياسي ليڊرن کي پسند ڪريو ٿا.

قريشي: هر اُهو ليڊر جنهن پنهنجي وطن لاءِ ڪم ڪيو هجي. شهيد ڀٽو به انهن مان هڪ آهي.

سوال: سنڌي فلمون ڏاهيندڙن لاءِ ڪو پيغام.

قريشي: اُهي سنڌ جي مسئلن تي فلمون ناهين. سنڌي عوام جن زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن، انهن تي فلمون ناهين. سنڌي عوام جي ڏک درد کي منظر عام تي آڻين.

**غفور نيوز ايجنسي بدين**

ڪي هيٺين شهرن لاءِ، ماهوار سهڻيءَ جي ايجنسي ڏنل آهي.

بدين - تلهار - ماتلي - ٽنڊو باگو -
ٽنڊو غلام علي - ٽنڊو محمد خان -
ٻنورو - مٽياري - ٽنڊو قيصر -
ٽنڊو ڄام - چوهڙ جمالي -
سجاول - پنگريو - پٽ شاهه - هالا -
گولاڙچي - ڏگهڙي - ٽنڊو
۽ نيو سعيد آباد.

انهن شهرن جي ايجنٽن کي گهرجي ته سهڻي لاءِ لکپڙهه غفور نيوز ايجنسيءَ سان ڪن. ڪنهن ايجنسيءَ سان ڪاشڪايت هجي ته ماهوار سهڻيءَ جي بزنس آفيس حيدرآباد سان رابطو قائم ڪن.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute




Gul Hayat Institute